مطبوعه ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

مڪالمو نمبر-٧

# سر سريراڳ جو مطالعو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٣٩٣ھ/١٩٧٣ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

ڀٽ شاه – حيدرآباد سنڌ

مڪالمو نمبر-٧

# سُر سريراڳ جو مطالعو

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ٻه سئو ويهين
ٻارهي (١٩٧٢ع) جي موقعي تي منعقد ڪيل
مڪالمي جي ڪارروائي


مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ميمبر شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

۽

ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن سنڌ يونيورسٽي



شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاه حيدرآباد سنڌ

١٣٩٣ھ / ١٩٧٣ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپو پھريون      مارچ ١٩٧٣ع      ھڪ ھزار ڪاپيون

قيمت ٣-٥٠

ملڻ جو ھنڌ

الھه بخش ايم. نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي
ڀٽ شاھ ــ حيدرآباد سنڌ

ھيءُ ڪتاب سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال ڀونگا گھٽي، حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ الھه بخش ايم. نظاماڻي، اعزازي سيڪريٽري ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڇپائي، حيدرآباد مان شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com      books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| ١- | پيش لفظ | محترم الهہ بخش ايمء نظاماڻي | |
| ٢- | سر سريراڳ جي موسيقي | محترم سيد منظور نقوي | ٩ |
| ٣- | سر سريراڳ جو اڀياس | محترم نجم عباسي | ١٣ |
| ٤- | سر سريراڳ ۾ سنڌ جي تاريخ جا اهڃاڻ | محترم عبدالمجيد سنڌي | ٢٢ |
| ٥- | سر سريراڳ جون تلميحون | محترم ميرمحمد پيرو | ٢٩ |
| ٦- | سر سريراڳ جي لغت | محترم سيد نجف علي شاه ”ڪمتر“ نقوي | ٣٥ |
| ٧- | سر سريراڳ ۾ روحاني رمز | محترم علي بخش بلوچ | ٤٣ |
| ٨- | سر سريراڳ جا ڇهہ بيت | محترم شاهنواز پتو”اختر“ | ٤٧ |
| ٩- | سر سريراڳ ۾ فعل جا صيغا | محترم محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي | ٥٤ |
| ١٠- | سر سريراڳ جي تمثيل جي تشريح | محترم علي نواز جتوئي | ٦١ |
| ١١- | سر سريراڳ جو متن | مرتب علامه آءِ آءِ قاضي | ٨١ |
| ١٢- | سريراڳ (انگريزي) | ڊاڪٽر محمد علي قاضي | |
| ١٣- | سريراڳ (انگريزي) | پروفيسر محمد اڪرم انصاري | |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۽ سوانح
# بابت جامع تحقيقي رٿا

(منظور ڪيل ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ٣٠- سيپٽمبر ١٩٦٦ع)

زير نگراني

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## (الف) رسالي جو سُرن وار تحقيقي مطالعو

١. شاه جي ڪلام ۾ اسلامي قدر
٢. شاه جي رسالي ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار
٣. شاه، سنڌي ٻولي جو معمار
٤. سُر ڪليان جو مطالعو
٥. سُر جمن جو مطالعو
٦. سُر ڪنڀات جو مطالعو
٧. سُر سريراڳ جو مطالعو

## (ب) رسالي ۽ سوانح بابت بنيادي مأخذن ۽ ڪتابن جي اشاعت

١. لطائف لطيفي (فارسي): مير عبدالحسين خان "سانگي"
٢. شاه جو رسالو (برٽش ميوزيم وارو نسخو)
٣. احوال شاه عبداللطيف ڀٽائي: مرزا قليچ بيگ
٤. شاه جي رسالي جا سرچشما: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ طرفان منعقد ڪيل مڪالمن جي سلسلي جو هيءُ ستون ڪتاب آهي. هن کان اڳ، ١. ”شاه جي ڪلام ۾ اسلامي قدرون“، ٢. ”شاه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار“، ٣. ”شاه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار“، ٤. ”سر ڪلياڻ جو مطالعو“، ٥. ”سر جمن جو مطالعو“ ۽ ٦. ”سر کنڀات جو مطالعو“ شايع ٿي چڪا آهن. هن سال انهيءَ سلسلي جو ستون ڪتاب، ”سر سريراڳ جو مطالعو“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هيءُ مقالا گذريل منعقد ڪيل مڪالمي جي موقعي تي پڙهيا ويا.

اشاعت جو هيءُ سلسلو ۽ شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ جي انهيءَ پروگرام جي ڪڙي آهي، جنهن هيٺ شاه صاحب جي ڪلام ۽ سوانح تي معياري ۽ تحقيقي ڪتاب شايع ڪرڻا آهن. هن وقت تائين ـ ’حيات و شاعري‘ (اردو)، ’لطائف لطيفي‘ (فارسي: تصنيف مير عبدالحسين خان سانگي)، ’شاه جي رسالي جو برٽش ميوزيم ۾ محفوظ نسخو‘، ’احوال شاه عبداللطيف‘ (مصنف: مرزا قليچ بيگ) ۽ ’شاه جي رسالي جا سرچشما‘ (تصنيف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) ـ شايع ٿي چڪا آهن.

مڪالمي جي سلسلي ۾، ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ جو اهو پروگرام آهي ته شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رسالي جي هر سُر تي جامع مطالعو ڪرائي، هن نوعيت جا ڪتاب شايع ڪرائي، جيئن شاه صاحب جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ وارن کي سندن ڪلام ۽ پيغام سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. هن سلسلي کي ڪامياب بنائڻ ۾ اسان جي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جو وڏو هٿ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندن بي لوث تعاون جي ڪري ٿي هيءُ سلسلو جاري آهي ۽ انشاءَالله جاري رهندو.

ثقافتي مرڪز ڪميٽيءَ جي اها ڪوشش پئي رهي آهي ته ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ، علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم کي به پوريءَ طرح سان جاري رکجي. انهيءَ ڏس ۾ ڪميٽيءَ طرفان، 'شاه جي رسالي' جي معياري ڇاپي جي تجويز منظور ٿي چڪي آهي، ۽ ان تي ڪم هلندڙ آهي، ۽ اُميد آهي ته اهو ڪم وقت سر پايهٔ تڪميل تي پهچي ويندو.

بحيثيت اعزازي سيڪريٽري، آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان ته انهن مڃيل عالمن، اديبن ۽ دانشورن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃان جن پنهنجي پرخلوص تعاون ۽ قيمتي مقالن سان اسان کي نوازيو آهي. ان کان سواءِ آءٌ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو به شڪرگذار آهيان جنهن پنهنجي مصروفيات جي باوجود، هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو آهي.

١٧- مارچ ١٩٧٣ع

الهه بخش ايم. نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيد منظور نقوي

# سر سريراڳ جي موسيقي

منهنجي مقالي جو عنوان آهي، سر ”سريراڳ“ جي موسيقي.
هن کان اڳ آءٌ پنهنجن مقالن ۾ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه جي راڳن جي باري ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ جن راڳن کي جاءِ ڏني آهي، انهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن مان هڪڙا اهي راڳ آهن، جن جو ذڪر بر صغير هند و پاڪ جي موسيقيءَ جي پراڻن ڪتابن ۾ ملي ٿو، ٻيا اهي راڳ آهن، جيڪي سنڌ ۾ حضرت شاه لطيف جن جي زماني ۾ ڪم و بيش رائج هئا، ۽ ٽيان اهي راڳ آهن جن جو موجد حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي مڃيو وڃي ٿو. اڄ هن محفل ۾ جنهن راڳ جو ذڪر ڪيو ويندو، انهي جو ذڪر موسيقيءَ جي قديم ڪتابن ۾ به ملي ٿو، اهو آهي سريراڳ.

سريراڳ حضرت شاه لطيف جي رسالي جي راڳن جي عام ترتيب موجب چوٿون راڳ آهي، جيڪو ڪنيات کان پوءِ، ۽ سامونديءَ کان اڳ ڳايو ويندو آهي. سريراڳ جي بيتن ۽ واين ۾ ڪٿي به حضرت شاه لطيف جن سريراڳ جو نالو نه استعمال ڪيو آهي، جيئن سارنگ، ڪيڏاري، معذوري وغيره جو ٿيل آهي.

هن راڳ جو اصل نالو شريراڳ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي حضرت يا جناب راڳ. هن راڳ جي نالي مان ئي ظاهر آهي ته هن راڳ کي وڏي ادب سان شري يا سري چوندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻي اهو لفظ ڪثرت استعمال جي ڪري شري مان ڦري سري ٿي پيو آهي.

قديم زماني ۾ هن راڳ کي خاص راڳڻ ۾ شمار ڪيو ويندو هو، بلڪ سريراڳ نالي هڪ ٺاٽ به هوندو هو، جنهن مان سريراڳ ۽ انهي انگ جا ٻيا راڳ به نڪرندا هئا. 'ٺاٽ' سرن جي انهي خاص ترتيب کي چئبو آهي، جنهن مان ساڳئي انگ جا ڪيئي راڳ نڪرندا آهن. آنجهاني گربخشاڻي شاه جي رسالي ۾ هن راڳ، بابت لکي ٿو ته "سريراڳ مول ڇهن راڳڻ مان هڪ آهي." جنهن مان معلوم ٿيو ته قديم زماني ۾ هن راڳ کي موسيقيءَ ۾ خاصي اهميت حاصل هئي. ڪجهه وقت پوءِ سريراڳ کي ڪافي ٺاٽ مان ڳائيندا هئا، پر جڏهن کان ڳائڻ وارن ديپڪ راڳ ڳائڻ ڇڏيو، تڏهن کان هن راڳ جي سرن ۾ به ٿورو ڦيرو اچي ويو، ۽ هن راڳ جي رکب کي ڪومل ڪري ڳائڻ لڳا ۽ موجوده زماني ۾ شايد انهي سبب جي ڪري سريراڳ کي پوربي ٺاٽ جو راڳ تسليم ڪري ڳايو ٿو وڃي. پوربي ٺاٽ جي سرن جي ترتيب هي آهي:

کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيورمڌم، پنچم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد. سريراڳ ۾ انهن سرن مان به سر- گنڌار ۽ ڌيوت آروهي يعني ويندي وقت نه لڳندا آهن ۽ ايندي وقت سڀ سر لڳندا آهن. ان ڪري هن راڳ کي اوڊو سمپورن راڳ چوندا آهن. اوڊو سمپورن هئڻ جي حالت ۾ هن راڳ جي آروهي امروهي هيئن ٿيندي:

آروهي: کرج، ڪومل رکب، تيورمڌم، پنچم ۽ تيورنکاد.

امروهي: کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيورمڌم، پنچم، ڪومل ڌيوت ۽ تيورنکاد. هن راڳ جو وادي سر، يعني شاه سر، رکب آهي جنهن جو استعمال هن راڳ ۾ واضح هوندو آهي ۽ سموادي سر، يعني وزير سر، پنچم آهي، جيڪو وادي سر کان پوءِ ٻئي نمبر تي استعمال ٿيندو آهي. هن راڳ کي شام

جي راڳن ۾ لکيو ويندو آهي ۽ گهڻو ڪري رات جي پهرئين پهر تائين ڳائبو آهي. اهو ئي سبب آهي جو حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمة جي رسالي جي ترتيب ۾ به هن راڳ کي ڪلياڻ، يمن ڪلياڻ ۽ کنڀات کان پوءِ رکيو ويو آهي. ڪيئي راڳ اهڙا به آهن جن کي هن راڳ جي انداز تي ڳايو ويندو آهي ۽ ڪيئي راڳ اهڙا به آهن جيڪي هن راڳ سان مشابهت به رکن ٿا. سريراڳ جي همشڪل راڳن مان هڪڙو راڳ آهي گوري ۽ ٻيو ريوا. راڳ ترون يا تريني به سريراڳ جي انداز ۾ ڳايو ويندو آهي.

جيئن ته سريراڳ ۾ ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيوت، تيور گنڌار ۽ تيور نکاد لڳن ٿا، ان ڪري هن راڳ کي گائڪ ۽ نائڪ سنڌي پرڪاش يعني سنڌي روشنيءَ جو راڳ تسليم ڪن ٿا. جيئن ته لڪشن سنگيت لکڻ وارو پنڊت چتر خود هن راڳ جي لڇڻ ۾ هيئن لکي ٿو ته:

سريراگ گني بکاني، پوربي ميل ڪو جاني
آروهن ڏا گا بن ڪر وادي سر رکب ماني
گوري مالوي ترون پوروي ڪي سو هت يارجا
پانچ شبه چتر اندر پرست مت پرماني
من هر پوپال جيت ڪليان همير هيم پوريا
شام ڪهت ڪلپ درم تن پرماني
گن ساگر به ڳؤ ماتو گمڀير سنڌ گوگو او
ڪليان ڪنبهه پاؤ پٽ مت پرماني

مطلب هي ته سريراڳ پاؤ پٽ جي طريقي سان سنڌي راڳ آهي. هتي هيءَ ڳالهه به قابل فخر آهي ته جڏهن کان برصغير هند و پاڪ جي موسيقي ترتيب ۽ تحرير ۾ آئي، تڏهن کان سنڌي راڳن جو پتو ملي ٿو، جنهن مان ثابت آهي ته قديم زماني کان سنڌ جي راڳن کي تسليم پئي ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ جي راڳن کي يا ڳائڻ جي انداز کي راڳن جي ذڪر ۾ جاءِ پئي ڏني وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سربراڳ جيتوڻيڪ هڪ عام ورتاءَ جو راڳ آهي، مگر تنهن هوندي به سندس شڪل قائم ٿيل آهي ۽ انهي سبب جي ڪري سندس شڪل هر همشڪل راڳ کان جدا ٿيو پوي.

اها ته هئي سريراڳ جي راڳداريءَ ۾ حيثيت. پر هاڻي ڏسڻو آهي ته سريراڳ جي حضرت شاهه عبداللطيف جي محفلِ سماع ۾ ڪهڙي حيثيت آهي. انهي سوال جو جواب هي آهي ته هن راڳ جي محفلِ سماع ۾ اها ئي حيثيت آهي، جيڪا راڳداريءَ ۾ آهي. خود حضرت شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي هڪ داستان تي سريراڳ جو عنوان ئي انهي ڳالهه جو دليل آهي تہ اهو راڳ راڳداريءَ مان ئي ورتل آهي. فرق آهي تہ صرف هيءُ تہ هڪ تہ راڳداريءَ جا راڳ درميانہ سرن ۾ ٿيندا آهن، پر لطيفي محفل ۾ اهي ئي راڳ مٿين سرن ۾ ڳايا ويندا آهن ۽ ٻيو تہ راڳداريءَ جا راڳ آروهيءَ کان شروع ٿيندا آهن يعني انهن راڳن ۾ هيٺين سرن کان مٿي وڃبو آهي پر لطيفي محفل ۾ اهي ئي راڳ امروهيءَ کان ڳايا ويندا آهن يعني مٿين سرن کان هيٺ اچبو آهي. ٽيون فرق هي آهي تہ راڳداري ۾ راڳ جي شڪل کي اجاگر ڪرڻ لاءِ آلاپ تي زور ڏيندا آهن، پر شاهه جي راڳ ۾ لفظن تي وڌيڪ زور ڏنو ويندو آهي. شاهه جي راڳ ڳائڻ وارن لاءِ اهو ضروري آهي تہ راڳ جي شڪل کي ڦٽڻ نہ ڏين، ڇو جو ائين ڪرڻ سان نفسِ مضمون ۽ موسيقي جو تاثر پاڻ ۾ ٺهڪي ايندا ۽ انهن جو مجموعي تاثر بي پايان وجداني ڪيفيتن جو حامل ٿي ويندو ۽ ان سان گڏ حضرت شاهه صاحب جي هر راڳ جي جدا جدا شڪل نظر ايندي. موجوده زماني ۾ حضرت شاهه عبداللطيف جي هر راڳ کي تقريباً ساڳئي انداز ۾ ساڳي چال سان ڳايو ويندو آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو يمن ڪلياڻ ۽ ڪنيات ۾ـ سريراڳ ۽ سامونديءَ ۾ ڪو فرق نظر نٿو اچي. جيڪڏهن حضرت شاهه عبداللطيف جو ڪلام هڪ ئي طرز تي ڳائڻ جهڙو هو تہ ان کي ٽيهن سرن ۾ ترتيب ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪانہ هئي. ★

محترم نجم عباسي

# سر سريراڳ جو اڀياس

لطيف سائينءَ پنهنجي شعر ۾ سنڌ جي عوامي تاريخ به پيش ڪئي آهي، يعني ان وقت جي عام سنڌين جي رهڻي ڪرڻي، رسمون ۽ رواج، واپار ۽ ڌنڌا، جذبا ۽ لاڙا بيان ڪيا اٿائين. هن شعر ۾ آندل ڳالهيون پاڻ ڏٺيون، محسوس ڪيون ۽ پرکيون هيون. هن گهڻو ڪري پنهنجي ڏٺل وائٺل ۽ جاچيل ماڻهن کي ئي پنهنجي شعرن جو ڪردار بنايو آهي.

لطيف سير سفر ڪندي، ڪراچيءَ جي آسپاس واري سمنڊ جي ڪناري وٽ به رهيو هو. اتي جيڪي ڏٺائين ۽ ٻڌائين، تنهن کي سر سريراڳ ۾ ڳايو اٿائين. اهو احوال آهي، انهن سنڌي واپارين جو، جيڪي سامونڊي سفر ڪري ڏيساور سان واپار ڪندا هئا.

لطيف سائين انهن وڻجارن بابت ڪيترين ئي حقيقتون ٻڌائي ٿو: هو ڪهڙن ملڪن سان واپار ڪندا هئا، ڪهڙين شين جو واپار ڪندا هئا، هنن لاءِ سمنڊ ۽ واپار ۾ ڪهڙا خطرا هوندا هئا، هنن جي هلت چلت ڪهڙي هئي. نه رڳو ايترو، پر هنن جون ڪي ڪمزوريون ۽ غلطيون پروڙي، هنن کي ڪجهه صلاحون به ڏئي ٿو ته هو سمنڊ جي سفر تي وڃڻ کان اڳ، ڪهڙي تياري ڪن ۽ ڪيئن ٻيڙين کي ناهين ۽ مرمت ڪن، ۽ سمنڊ جي سفر ۾ سمجهو سونهان ڪٽن، واپار ۾ سچائيءَ کان ڪم وٺن، ۽ ملاوت ۽ چوربازاريءَ کان پاسو ڪن. هن اهو به ٻڌايو آهي ته واپارين کي واپار ۾ نقصان پوڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف سائينءَ سمنڊ ۾ حادثن جا سبب بيان ڪيا آهن، ۽ انهن ڪان بچڻ جا اُپاءَ پڌايا آهن. لطيف سائينءَ واپارين ڪان سواءِ ٻين جن ڪردارن جو احوال ڏنو آهي، سي آهن ٽوبا، ملاح، سڪاڻي، سونهان، صراف، وينجهار، جوهري ۽ ٻيا. هن سر ۾ وڻجارن جي زالن جو به ذڪر آهي. هنن جي مڙسن خاطر اوسيڙي، دعائن ۽ جشن جي باري ۾ بيت آهن. لطيف سائين سنڌ جي ڪن ڦٽل بندرن طرف به اشارو ڪيو آهي، جيڪي ڏارين جي ڪاهن ڪري ويران ٿي ويا هئا، ۽ اتي جا جوهري ۽ هيرن جواهرن جي تجارت ڪندڙ، اهي بندر ڇڏي ويا هئا.

لطيف سائينءَ ڏيساور جي واپار جو سلسليوار احوال ڏنو آهي: ٻيڙين ٽوبن جون ٽٻيون هڻي سمنڊ جي تري مان هيرا، موتي ۽ سپون ڪڍڻ؛ اهي وڻجارن جو خريد ڪرڻ؛ مال جو ٻيڙين ۾ جمع ڪرڻ؛ سمنڊ ۾ ٻيڙا هاڪارڻ؛ ٻئي ڪناري پرڏيهه پهچڻ؛ اتي دڪاندارن ۽ صرافن سان سوديبازي ڪرڻ؛ پنهنجو مال وڪڻڻ، اتان جو مال خريد ڪرڻ؛ واپسيءَ جو سمنڊ جو سفر؛ پنهنجي وطن جي ٽڙن تي پهچڻ؛ محصول مان جند ڇڏائڻ؛ گهر پهچڻ تي سنڌن عورتن جو جشن ملهائڻ.

جن ڪردارن جو هيٺ بيان ڪيو ويو آهي، سي اڄ به شاه جي هن سر مان گهڻو ڪجهه پرائي سگهن ٿا. هيءَ سر، خاص انهن لاءِ چيل آهي.

هن سر ۾ جن ماڻهن، شين ۽ جاين جو ذڪر آيو آهي، تن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو.

## ڪردار

۱. واپاري: (هن کي ساموندي، سوداگر ۽ وڻجارو به سڏيو ويو آهي). هو ڪڏهن پچت ۽ سرمايو نه هڄڻ ڪري، موتين جي بدران شيشي ۽ شيهي جو واپار ڪرڻ تي مجبور ٿيندو هو، ۽ ان واپار ۾ ڪپت ڪري، شيشي کي موتي ۽ ماڻڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌي وکڻڻ جي ڪوشش ڪندو هو. انهن پنهي ڳالهين ڪري هن کي نقصان پوندو هو، يا تمام ٿوري اپت ٿيندي هئي. اڻ تجربيڪاري به هن جي واپار ۾ گهاٽي جو باعث بڻجندي هئي. ٿوري سرمايي وارن واپارين واسطي وڏو خطرو ۽ جوکو اهو هوندو هو جو پراڻيون ۽ ڳنڍل ٻيڙيون ٻاڙي تي ڪندا هئا، جن جي سودي جي سامان سميت، غرق ٿيڻ جو انديشو هوندو هو، يا وڏيون مصيبتون برداشت ڪرڻ کان پوء مس مس وڃي ٻئي ڪناري پيڙيون ٿينديون هيون. واپارين جي ڇيهي جو ٻيو سبب اهو هوندو هو، جو هو موتي ۽ ماڻڪ پرکي نه سگهندا هئا، ۽ خود به ٺڳجي ويندا هئا. آزمودي پراڻڻ کان پوء، هو اهڙن نقصانن کان بچي ويندا هئا. ڪي واپاري وکري واسطي اهڙو سامان خريد ڪندا هئا، جو رکڻ سان خراب ٿي ويندو هو، ۽ هنن کي گهاٽو پوندو هو.

منڍ ۾ واپاريءَ کي واپار ڪرڻ ۾ همت پڄندڙ دشواريون درپيش ايندڙيون هيون: پراڻيون ٻيڙيون، مال جو رکڻ سان خراب ٿي وڃڻ، سمنڊ جي سفر ۾ طوفانن، تيز وهڪرن، لهرن، ڪُنن ۽ تکين سيرُن جا ڏاڪڙا، محصول وٺڻ وارن جون ڏاڍايون ۽ سامان وکڻڻ واسطي ٻهروپين واپارين ۽ صرافن سان واسطو. پر پوء واپار جي اهڙي ڇوس پڄجي ويندي هئن، جو ڏيساور مان واپار ڪري واپس ورندا مس هئا نه وري ٻئي سفر جو سانباهو ڪندا هئا. سمنڊ کان سواء هنن جي سرندي ئي ڪين هئي. جيڪي واپاري، سون ۽ سچن موتين جي واپار جا عادي ٿي ويندا هئا، ۽ ديانتداريءَ جو قول چڪيو هئائون، سي شيشي ۽ پتل جو سودو ڪڏهن نه ڪندا هئا، ۽ ڪڏهن به بي ايمانيءَ وارو وهنوار نه وٺندو هون.

ڪي وڻجارا فقط هڪ صراف يا هڪ دڪاندار يا هڪ جوهريءَ وٽ مال ڪٽي ويندا هئا. اهڙا وڻجارا دوکو به کائيندا هئا. مگر اهي دوکو نه کائيندا هئا، جي مارڪيٽ ۾ پڇا ڳاڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، مختلف دڪاندارن وٽ وڃي، سوديبازي ڪندا هئا. انهن
کي من گهريو ملهه ملي ويندو هو.

ڪي واپاري سودي وارا قيمتي موتي گهر ۾ بيپرواهيءَ
سان رکي ڇڏيندا هئا. هنن جون زالون، انهن کي ڏسڻ لاءِ هٿن
۾ ڪٽنديون هيون ۽ بعضي ڪيترائي پڇي زيان ڪري وجهنديون هيون.

بندرن تي محصول ادا ڪرڻ وڏو مسئلو هوندو هو. يا
ته محصول تمام گهڻو هوندو هو، يا محصول اڳاڙيندڙ رشوت
وٺڻ جي نيت سان واپارين کي هرويرو بيحد پريشان ڪندا هئا.
واپارين جو ڪتنب پڻ اهي دعائون گهرندو هو ته سندن مڙس
جي سُنگ، مان شل جان ڇٽي.

٢. ملاح: (سڪاڻي، ناکئو، مهاڻو، ڪشتيبان، پيڙياتو،
هن عنوان هيٺ اچي وڃن ٿا). هو جاننا ۽ سگهارا هوندا هئا.
هو ذري ذري دعائون گهرندا، ۽ ڏٺيءَ کي ياڏائيندا هئا: ڪنڌي
ترڪڻي، آپي ۽ ڏُبڻ واري هجي يا تيز طوفان، وڏيون لهرون
هجن يا مينهن جو وسڪارو، اونده انڌوڪار هجي يا سير جو
وچ، جهوني ڪشتي هجي يا قاتل سڙهه، هر حالت ۾ ملاح هٿ
پير هلائڻ سان گڏ، زبان سان به زور سان، پار پهچڻ لاءِ خدا
جي مدد گهرندا هئا. هو ڏاڍا غريب هوندا هئا، ۽ هنن مان گهڻن
جون پيڙيون پراڻيون ۽ پڳل تنل هيون. هو اتر جو واءُ سٽائو
ڏسي، سڙهه ٽنگڻ جون ڪانيون ڪڙيون ڪري سڙهه چاڙهيندا هئا.
ماهر ملاح تکي ۽ اوپاري وهڪري ۾ به پيڙي هلائي ويندا هئا.
هو پيڙيءَ جي صحيح نموني سنڀال ڪندا هئا، پراڻين پيڙين جا
ٽنگ بروقت بند ڪندا هئا، ۽ ٻي مرمت ڪندا هئا، ۽ ڏهاڙي
پيڙين کي تيل جو مک ڏيندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن ملاح جي غفلت، ننڊ اچي وڃڻ، ۽ مسافرن
کي ننڊ ۾ ڏسي پاڻ به سمهي پوڻ ڪري، پيڙي وچ سير ۾
هلي ويندي هئي، ۽ پوءِ وڏين مشڪلاتن سان مقابلو ڪرڻو
پوندو هوس.

ملاحن ۾ ذميواريءَ جو احساس تمام گهڻو هوندو هو. هڪ ٻيو معاملو طيءِ ڪرڻ کان پوءِ، واپاريءَ جي مال جي حفاظت ڪرڻ، هو پنهنجو فرض سمجهندو هو، ۽ ان ڪري سمنڊ جي طوفانن ۽ تاريڪين ۾ بچائڻ لاءِ پنهنجي جان جي بازي لڳائيندو هو. سامونڊي سفر تي ملاح جي ننڊ يا بيپرواهي ٻيڙي ٻوڙ ثابت ٿيندي هئي. جيڪي ٽوبا، اتفاق سان وچ پاڻيءَ ۾ ڦاسي پوندا هئا، ته ملاح ٻيڙي ڪاهي وڃي هنن جي واهر ڪندا هئا. ملاح ڪيترو نئي ماهر ۽ هوشيار هوندا هئا، پر ٻيڙيءَ جي واٽ، هو سونهن جي صلاح سان مقرر ڪندا هئا.

٣. سونهون (رهبر، معلم). سونهون، سامونڊي رستن ۽ سمنڊ جي حالتن کان پليءَ پٽ واقف هوندو هو. هن کان سواءِ سمنڊ جو سفر خطري کان خالي نه هوندو هو، ۽ ڪناري تي پهچڻ ۾ وڏين مصيبتن ۽ دشوارين سان ڏوبڏو ٿيڻو پوندو هو. ڪي سونهان، انهيءَ خيال کان ته وڻجارا گهبرائجي نه وڃن، هنن کي سمنڊ جي ڪنارن واري ڪيفيت ته ٻڌائيندا هئا، باقي وچ سمنڊ ۾ جيڪي خطرا ۽ خوف هوندا هئا، سي نه ٻڌائيندا هئا. هو ملاحن کي سمنڊ جي حالتن جي خبر ڏيندا ۽ خبردار ڪندا هلندا هئا، جنهنڪري ٻيڙي ڪيترن مشڪلن، طوفانن ۽ تيز وهڪرن کان پاڻ بچائي، اڪري، پار پهچندي هئي. جڏهن سونهون خاطري ڏيندو هو ته هاڻي سمنڊ ماڻيٺو آهي ۽ ڪو انديشو ڪونهي، تڏهن مسافر به اطمينان سان سمهي پوندا هئا، ۽ ملاح پڻ آرام ڪندا هئا.

٤. ٽوبو (غواص، ٻوڙارو). هي ٽٻيون هڻي، سمنڊ جي تري مان تمام قيمتي جواهر، هيرا، سپون، ماڻڪ ۽ موتي ڪڍي ايندا هئا. هي شيون اونهي سمنڊ ۾ جهجهي انداز ۾ هونديون هيون. جي ٽوبا اونهي سمنڊ ۾ پهچي کوجنا ڪندا هئا، سي هيرن ۽ موتين جا ڍڳ ميڙي ايندا هئا. هنن کي انهن جي قيمت ۾ ايتري دولت ملندي هئي، جو هو مالا مال ٿي ويندا هئا. ٽوبا،

٩. وڻجارِي (واپاريءَ جي زال). گهر ۾ رکيل مڙس جا موتي ۽ هيرا ڪڍي اٿلائيندي پٿلائيندي هئي، ۽ بي‌افعالائيءَ ڪري بعضي بعضي ڪو هيرو يا موتي ڀڃي وجهندي هئي. ائين ڪرڻ تي، هوءَ نه افسوس ڪندي هئي ۽ نه پڇتاءُ، ۽ نه وري صراف وٽ وڃي، اهي ٽڪرا ڳنڍرائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ان ڪري اهو لکن جو هيرو ٽڪي جو به نه رهندو هو. جڏهن هن جو مڙس سامونڊي سفر تي ويندو هو، تڏهن هوءَ روزانو ٽيهريءَ جو درياءَ شاه تي اکا وجهي، ڳچيءَ ۾ پاند پائي، هن جي واپسيءَ لاءِ دعائون پنندي هئي. جيئن ئي هن کي معلوم ٿيندو هو ته مڙس تڙ تي پهچي ويو آهي، ۽ محصول مان به جند ڇڏائي اٿس، تڏهن هوءَ خوشيءَ ۾ پرجي جشن ملهائيندي هئي.

## واپار جون شيون

١. موتي، ماڻڪ، لعل، جواهر، هيرا، سپون.
٢. ڪائو.
٣. شيهو.
٤. لونگ، ڦوٽا، ڪپڙو.
٥. داڻا (اناج).

## ٻيڙيءَ لاءِ ٻيا لفظ

١. نيهه،
٢. جهاز يا جهاج.
٣. غراب = وڏو ٻيڙو.
٤. مَڪَڙي.
٥. ڏنگي.
٦. ترازو = ننڍي، هلڪي ۽ تکي ٻيڙي.
٧. ڇيتُرُ = ڇيتيون ڇيتيون ٽيل جهاز.
٨. وڏاندريون = وڏيون ٻيڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۹. پاڪڙي.
۱۰. هوڙاڪ.

## پيڙيءَ جي ساز سامان ۽ جدا جدا حصن جا نالا

۱. سڙهه.
۲. دوربيني.
۳. ڦرهو يا تختو.
۴. لاڄو = رسا يا نوڙيون.
۵. اولو = پيڙي هلائڻ جو ڳن.
۶. ٻوٽاڙو = ٿوٻي جي پائڻ لاءِ ڪاٺي جو ٿوپ.
۷. ڪوهو = سڙهه ٽنگڻ جي ڪاٺي.
۸. سونهڻ = ڪاٺ جي چپر.
۹. سڪاڻ.
۱۰. ننگر يا لنگر = پيڙيءَ کي بيهارڻ لاءِ لوهه جو اوزار.
۱۱. ناتاري = لوهي لنگر.
۱۲. ڪيپر = ڪيلو.
۱۳. ترهو.
۱۴. پکهه = رسو، جنهن سان لنگر سان پيڙي ٻڌي ڪناري وٽ بيهاربي آهي.
۱۵. ناڙي = چم جي نوڙي.
۱۶. ونجهه.
۱۷. ڏَڄُ، وانٺي يا جهنبي.

## سمنڊ لاءِ ٻيا لفظ

۱. اوڙاهه = پيانڪ سمنڊ، وڏو سمنڊ.
۲. عميق = اونهو سمنڊ.
۳. نيڊو = اونهو سمنڊ.
۴. سائر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٠٥. نيرو.
٠٦. ٻاڙ.
٠٧. ڪارو.
٠٨. اونهون.

## بندرن جا نالا

٠١. پور بندر (ڪاٺياواڙ)
٠٢. عدن (عربستان)
٠٣. لنڪا (سلون)

---



”آڪٽ“ يا ”ٻڪٽ“ انهيءَ نسل“ جا لفظ آهن، ۽ معنيٰ اٿن: ”هڪ.“ ٻن کي ”ملائي“ زبان ۾ ”رندو“ ۽ تلنگو ۾ ”رينڊو“ چيو ويندو آهي. اهو ڏيکاري ٿو، ته ”لين“ ۽ ”رندو“ يا ”رينڊو“ ۾ ڪا مناسبت آهي. ”ٽن“ کي ملائيءَ ۾ ”منو“؛ ڪولاميءَ ۾ ”مونڊن“ ۽ ”تامل ۾ ”مونڊرو“ چيو ويندو آهي. اهو ظاهر ڪري ٿو، ته ”مون“ به انهيءَ نسل جو لفظ آهي. ”چئن“ کي تامل ۾ ”نال“ چيو ويندو آهي؛ ۽ ”نار“ ۽ ”نال“ ۾ ڪو تفاوت ڪونهي. ”ڇهن“ کي ”ڪولامي“ ۾ ”آر“، تلنگو ۽ تامل ۾ ”آر“ ۽ ”ملائي“ ۾ ”ارو“ چيو ويندو آهي. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو، ته ”آر“ دراوڙي نسل جو لفظ آهي، ۽ معنيٰ اٿس: ”ڇهه.“ پائنجي ٿو، ته پنجن جي انگ وارو لفظ وچان گم ٿي ويو آهي. ”ستن“ کي ملائي ۾ ”يبرو“، تامل ۾ ”ايرو“ ۽ تلنگو ۾ ”ييدو“ چيو ويندو آهي. اهو ڏيکاري ٿو، ته ”وهي“ انهيءَ نسل جو لفظ آهي. ”اٺن“ کي ملائي ۾ ”ييٽ“، تامل ۾ ”اِٽ“ ۽ تلنگو ۾ ”يمبندي“ چيو ويندو آهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو، ته ”يڪ“ لفظ به انهيءَ ئي ٻڻ بنياد جو آهي، ۽ معنيٰ اٿس: ”اٺ“.

اتي ذڪر راند جا هي انگ اکر انهيءَ ڳالهه جو واضح ثبوت پيش ڪن ٿا، ته سنڌين جا انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ ڏکڻ هندوستان سان تجارتي ۽ ثقافتي تعلقات هئا، ۽ سنڌ جا سوداگر اوڏانهن ايندا ويندا هئا. هيءَ راند به اتان جي نشاني آهي. سنڌ جا تاجر گهڻو وقت ان پاسي رهڻ کان پوءِ جڏهن پنهنجي وطن واپس وريا ته اها راند به سندن ٻار پاڻ سان کنيو آيا، ۽ پوءِ سنڌ ۾ رائج ٿي ويئي. يا وري ائين به چئي سگهجي ٿو ته هيءَ راند ان وقت جو يادگار آهي، جڏهن هتي دراوڙ گهڻا رهندا هئا، ۽ سندن ٻار هيءَ راند کيڏندا هئا، ۽ پنهنجي زبان ۾ انگ ڳڻيندا هئا. دراوڙ نسل جي ماڻهن جي سنڌ مان لڏي پلاڻي وڃڻ کان پوءِ، هي اهڃاڻ سندن وجود جي تاريخي ثبوت طور رهجي ويو.

حقيقت ڪيئن به هجي پر ايترو صاف ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي ماڻهن جا انڊونيشيا ۽ ملائيشيا جي دراوڙي نسل جي ماڻهن سان قديم زماني کان تجارتي ۽ ثقافتي تعلقات رهيا آهن.

هي تقابلي مطالعو گريئرسن جي ”لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا،“ جلد پهرئين، ڀاڱي ٻئي جي آڌار تي پيش ڪيو ويو آهي (١).

سنڌي وڻجارن جي ان طرف اچ-وڃ پوءِ به قائم رهي. اسلام جي اچڻ کان پوءِ به سنڌي تاجر جاوا ۽ سماترا طرف ويندا رهيا. انڊونيشيا جي قديم تاريخ تي تحقيق ڪندڙ هڪ محقق جو رايو آهي ته انڊونيشيا ۾ اسلام ڦهلجڻ جي سلسلي ۾ سنڌ جي واپارين نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو.

شاهه لطيف جي سر سريراڳ مان به انهن تاريخي اهڃاڻن جي تصديق ٿئي ٿي. معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا سوداگر ساموندي سفر جون صعوبتون سهي، ڏورانهان ڏيهه ڏوري، سودو سوٽي، ساوا ۽ سٽابا ٿي سنڌ ۾ ايندا هئا. هن بيت ۾ شاهه صاحب ڏيکاريو آهي، ته وڻجارا جُنگ جهاز پري، سفر سٽاڻيا آهن.

سڙه سنوان، لڄو نوان، اولا سندن عاج
ساٿي سفر هلئا، پري جُنگ جهاج
حاصل ڪريين حاج، واحد وڻجارن کي.

هيٺين بيت ۾ سمنڊ جي اٿانگي سفر جو نقشو چٽيو ويو آهي:

آچارا عميق جا، گڏئا غواصن
جهَريون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪُنن
سمنڊ سوجهي جن، آڻي امل اولئا.

---

(1) Grierson: Lingustic Survey of India. Vol: 1, Part II, p. 3, 5, 7, 9, 11, 13, 15 & 17.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِيرِ مَ لاهي ويهُ، متي آر اوڙاه جي
پسي پاڙي واريون، ڪج انديشو ايهُ
ويندو نه پسيِن ڏيهُ، پِتڻ هن پار مٿي.

سامونڊي سفر ۾ هميشه چورن جي ڦُر جو خطرو به رهندو آيو آهي. قديم زماني ۾ اهي دريائي ڌاڙيل ’ميد‘ هوندا هئا، جيڪي اصل ’ميديا‘ جا رهاڪو هئا، پر پوءِ انهن مان ڪيترا مڪران ۽ سنڌ ۾ به اچي رهيا هئا. سنڌ جا مهاڻا انهن جي نسل مان آهن. سکر جي لڳ درياءَ جي ڪناري تي به سندن بستيون هيون. درياءَ تي بند به ٻڌو هئائون، جنهن کي عرب مؤرخن ”سڪة الميد“ لکيو آهي. مسعوديءَ پنهنجي ڪتاب ”مروج الذهب“ ۾ ڏيکاريو آهي ته ميدن جي ٻين قومن سان ويڙهه هلندي رهندي هئي. انهن سامونڊي ڌاڙيلن ئي راجا ڏاهر جي زماني ۾ عربن جا ٻيڙا ڦريا هئا، جيڪي سرانديپ کان اچي رهيا هئا.

شاه لطيف جي زماني ۾ پورچوگيز سامونڊي ڌاڙيل هئا، جن کي ”فرنگي“ يا ”ڦلنگي“ سڏيو ويندو هو. اصل ۾ ”فرنگ“ جي معنيٰ آهي: ”يورپ،“ ۽ ”فرنگي“ معنيٰ ”يورپي.“ انهن فرنگي سامونڊي ڌاڙيلن ترخانن جي ڏينهن ۾ ٺٽي کي ڦريو هو، ۽ آخر ۾ شهر کي باهه ڏني هئائون. چون ٿا ته اها ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڦر هئي. شاهه صاحب هيٺين بيت ۾ انهن سامونڊي ڌاڙيلن کان وڻجارن کي خبردار ڪري ٿو:

دنگي وچ درياه، ڪين ٻڌي ڪين آپڙي
هو جي وادي واڻيا، سي سونهڻ سڀ سڙيا
معلم ماڳ نه اگهين، ڦلنگي منجهه ڦريا
ملاح تنهنجي مَڪري، اچي چور چڙهيا
جتي ڍِينگ ڍَريا، تتي تاري تهجي.

هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب سنڌ جي سوداگرن جي ”ڪنڊ ـ ڪيڙائو“ ڪونيو آهي. يعني ڪنڊن جا ڪنڊ لتاڙيندڙ يا سچي

دنيا گهمندڙ. اهو ظاهر ٿو ڪري تہ سنڌ جا واپاري پنهنجي سامونڊي سفر دوران ڪيترا ئي ڏورانهان ڏيهہ ڏوريندا هئا. هن مان وڌيڪ اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ هو اهڙا تہ هوشيار سوداگر آهن، جو ڪنهن بہ بادشاهيءَ ۾ محصول نہ ڏيڻ جي ڪري روڪيا نٿا وڃن. شاهہ صاحب اهو مفهوم ٿن لفظن ”سونگئا نہ سيئي“ ۾ ادا ڪري ويو آهي. سڄو بيت هن طرح آهي:

وچينءَ جان ويهي، جَر پلءُ پائيان
”تَڙ ٽيرا! گهر سپرين“! او سهہ اِي ييئي
جنءَ وڻجارو سهين وکرين، سرها سيئي
حرمت ساڻ حبيب جي، سونگئا نہ سيئي
پاڻهِ اوءَ پيهي، کنڊ ڪيڙائو آئيا.

هينئين بيت ۾ شاهہ اهي شيون بہ ڏيکاريون آهن، جيڪي سنڌ جا وڻجارا پرانهين پنڌ تان آڻيندا نيندا هئا. انهن ۾ قرقل يعني لونگ ۽ ڦوٽا بہ اچي وڃن ٿا. اهي شيون ”جاوا“ جي طرف جون آهن. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ جا وڻجارا انڊونيشيا تائين ويندا هئا، لونگ ۽ ڦوٽا اتانهين آڻيندا هئا، ۽ ڪپڙي جا ٿانَ اوڏانهن کڻي ويندا هئا. هو جڏهن پيڙا پري هلن ٿا تہ هلڻ وقت الله ۽ رسول کي سنڀالين ٿا. ”نذر نبيءَ چام جو، چڙهندي چيائون.“ ان مان ثابت ٿئي ٿو، تہ هو مسلمان آهن. ان مان ان ڳالهہ کي بہ ڪجهہ قدر ٽيڪو ملي ٿو، تہ سنڌ جا سوداگر انڊونيشيا ۾ واپار سان گڏ اسلام جي تبليغ بہ ڪندا هئا. سڄو بيت هن طرح آهي:

قَرقل، ڦوٽا، پارچا، پاٽيث پاتائون
ڪوٽيون قيمت سنديون، تر ۾ تاڪيائون
لاڃن منجهہ لطيف چئي، پيڙا پڌائون

نذر نبيءَ ڄام جو چڙهندي ڇپائون
جي ڇُهي ڇوڙيائون، سي پيڙيون رکين
پاڄهه سين.

اهو ڏيکاري ٿو، ته شاه صاحب جو رسالو سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ به ڪيترن ئي اهم اهڃاڻن جي نشاندهي ڪري ٿو؛ ڪيتريون ئي وڃايل وٿون واري هٿ ڪري ڏئي ٿو، ۽ گم ٿيل ڪڙيون ملائي ڏئي ٿو.

تَري تُن پيِاس، پاسنئون پاڻي وهي
ڪوهو جهُرجهُنو ٿئو، لاڄو سڀ لڙياس
جيلاه سَتَر سُڪاڻياس، وَهي تي وَهه سامهُن.
يا
اڇي سو ڏنوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪَنن سين
سُتي لوڪ لطيف چئي، ياد نه ذرو ڪئوءِ
غافل تي غراب ڪي، اوڙهه تي آندوءِ
سو چِتر چوهي ڪان رکئين، جو پئو پراڻو پوءِ
جهاز ضعيفن جو، پاڻيءَ ۾ پرتوءِ
سيّد ساٿُ سندوءِ، پر بندر پهچائيين.

شاه صاحب جو هيءُ سارو مضمون تلميح آهي. ڪيئن نه پلاري پٽ ڏٺي هڪ عاجز ۽ گنهگار انسان کي سناٽي سمونڊ (جهان) حا لڙ لهرون خواه ساموندي چور يعني نفساني خواهشون، جيڪي ڪيس چوطرف وڪوڙيو بيٺا آهن، خطرا پيدائي، جڏهن ڪيس پنهنجي نفس جي محاسبي جي هدايت ڪري ٿو ته هن کي چڱڪاري جي راهه ته ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي، بلڪ هو سخت پشيمان ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هن کي سٽر سڪاڻي يا ڪامل ڪشتيبان يعني نبين جو سردار محبوب مدني صلي الله عليه وسلم جي شفاعت جو وسيلو ۽ سهارو سمجهه ۾ اچي ٿو، جنهن لاءِ باري تعاليٰ فرمايو ته:

عَسيٰ عَن يَّبعَثَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحمودا ٥

(اميد آهي ته اوهان جو رب اوهان کي مقام محمودا ۾ جڳهه ڏيندو) جنهن لاءِ حضرت ابو هريره جي روايت مطابق پاڻ ڪريم جن پڇڻ تي فرمايو ته مَقامًا محمودا جو مطلب تمام امتن لاءِ شفاعت آهي. تڏهن ته شاه صاحب فرمايو ته

سُتا سپ پيئي، سندي معلم آسري
آئين پڻ سمهو ناکئا، بندر ناهه پيَئي
جن جي سيد لڄ کنئي، سي سپ
لنگهيندا لڪيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جئن رب پاڪ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ صاف صاف ٻڌايو ته

وَمَا اَرْسَلْنَاكَ اِلاَّ رَحْمَتَ اللّلعَالَمِين

يعني اي محمد صلي الله عليه وسلم اسان توکي جملي جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي.'' ان جي ثابتي هن مان مليو وڃي ته حضور ڪريم صلعم جن پوري قوت ۽ قدرت جي باوجود براين جي، ٻرن کان ذاتي طور بدلو نه ورتو ، بلڪ ساڻن احسان ڪيا. هيءُ هو سندن حلم جو ڪمال. تڏهن شاه صاحب فرمايو ته

چڱن سان چڱايون، اِنءَ سڀڪو هوءِ

تو جئن ڪري نه ڪوءِ، ٻچن سان ڀلايون.

رحمت اللعالمين جي رحمت جو هڪ نه بلڪ ڪئين اهڙا مثال ملندا، جن جو دلي طور اقرار ڪرڻو پوي ٿو.

جڏهن هڪ يهودي عورت ٻڪري جي گوشت ۾ زهر ڏئي ٿي ۽ هو گناهه جو اعتراف به ڪري ٿي ته نبي ڪريم صلعم جن بدلو ته بجاءِ خود بلڪ کين معاف ڪري ڇڏين ٿا. هيڏانهن لبيد بن العاصم هڪ يهودي جادو ڪري ٿو ته ان کي ان جي ڪيئي جي عيوض بخشيو ڇڏين. رسول پاڪ صلعم جن جو دشمن تلوار هٿ ۾ کڻي وار ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو ۽ وري جڏهن اها سا ڳي تلوار نبي پاڪ جن جي هٿن مبارڪ ۾ اچي ٿي ته ان تي وار جي بجاءِ معافي ملي ٿي. پيو ته نهيو مگر عبدالرشيد بن ابيء جهڙي دشمن رسول ۽ منافقن جي سردار، نبي اڪرم صلعم جن سان ڇا نه ڪيو آهي، مگر اهو به ذاتي بدلي بجاءِ معاف ڪيو وڃي ٿو. ان کان سواءِ دشمنن طرفان تڪليفن ڏيڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو ويو. رستي تي ڪندا ڪچرو اڇلائڻ ۽ ناپاڪ اوجهري اڇلائڻ، پٿر هڻڻ وغيره تڪليفون ڪي گهٽ ڪين هيون، جيڪي حضور پاڪ کي ڏنيون ويون، مگر رحمت اللعالمين جي رحمت ۽ شفقت جو ڪمال ته ڏسو ته انهن کي اُف به نه چيو ويو ، بلڪ بخشيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ اهي نامراد وري مراد وند مسلمان ٿي ويا. شفقت ۽ رحمدلي جو ڪمال ته ڏسو ته ڪيئن نه

پوڙهي عيسائي عورت جو بار پاڻ کڻن ٿا ۽ ان سان ڳالهيون به ڪندا به هلن ٿا. آخر جڏهن ان عورت کي اهو علم ٿئي ٿو ته هيءَ ٿي اهو محمد صلي الله عليه و سلم آهي، جنهن جي دين جي خطري کان هوءَ شهر ڇڏي رهي آهي، تڏهن بي اختيار سندس زبان مان ڪلمون نڪري ٿو ۽ هوءَ ايمان آڻي ٿي. اهڙا ڪئين مثال ملندا، جن مان پاڻ ڪريم جن جي ڪريمي ثابت ٿيو پوي. جيئن ته هيءَ وصف سندن لاءِ ئي مخصوص هئي، ان ڪري ته شاه صاحب فرمايو ته:

ڇـڱا ڪن ڇـڱايـون، مٺايـون مٺن
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

سيد نجف علي شاه 'ڪمتر' نقوي

# سر سريراڳ جي لغت

جناب صدر ۽ معزز دانشور حضرات! گهڻن صاحبن کي معلوم آهي ته منهنجو پسنديده موضوع هميشه لغت ۽ خاص طور تي شاه عبداللطيف ڀٽائي گهوٽ عليه الرحمة جن جي ڪلام جي لغت تي تجسس ۽ تحقيق جي باري ۾ رهيو آهي. تنهنڪري اڄوڪي محفل ۾ به آءٌ شاه صاحب جي زبان جي لغت جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪندس.

ليڪن ان کان اڳ ۾، تمهيد جي طور تي اهو عرض ڪرڻ ضروري آهي ته شاه صاحب پنهنجي ڪلام جي ذريعي، سنڌي زبان جي بيتل پاڻيءَ ۾ لهريون نه پر طوفان برپا ڪري ڇڏيو آهي. اڄ کان گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سؤ سال پراڻي سنڌي زبان جي سيڌن ۽ سادن لفظن جي مدد سان، معاني ۽ مطالب جا اهي بيش بها آبدار گوهر گڏ ڪري ڇڏيا اٿس، جن کي پرکڻ جي لاءِ مون جهڙي هيچمدان کي ته ڪابه طاقت ڪانه آهي، پر هن وقت جا زباندانيءَ جا مشهور جوهري ۽ ڪاريگر صراف به انهن گوهرن جو آب تاب ۽ انهن جي پاڻيٺ پرکڻ ۾ لاچار ۽ بيوس نظر اچي رهيا آهن. شاه صاحب هزارها جاين تي، ڪي ڪي لفظ اهڙا به استعمال ڪيا آهن، جن مان هرڪ لفظ جون ساڳيءَ هجي ۾، ڪيتريون ئي معنائون نڪري سگهن ٿيون. اهڙن لفظن مان ڪنهن خاص لفظ جي صحيح معني متعين ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهو ضروري آهي ته اهڙن سڀني بيتن جو تقابلي مطالعو ڪيو وڃي جن ۾ اهو لفظ استعمال ٿيل هجي. اهڙي مطالعي مان اهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻ پڇنئي سپرين، چت ۾ چيتاريج
ڪيج ڪائي ڪچ ڪي، ڪوڙ م ڪمائيج
وڃج وهائيج، سپ سوداگر سچ جو.

هاڻي ته اوهان کي يقين ٿي ويو هوندو ته شاه صاحب جي خيال موجب ’ڪائو‘ لفظ جي اهائي معني آهي، جا مون اوهان کي ٻڌائي. ليڪن اها معني ابتدا ۾ ٻڌايل بيت سان ٺهڪي نٿي اچي تنهنڪري رسالي جو وڌيڪ مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته شاه صاحب لفظ ’ڪائو‘ کي هڪ ٻي معني ۾ به استعمال ڪيو آهي. ساڳئي سر سريراڳ ۾ ارشاد ٿو ٿئي ته:

ڪوڙين جي ڪائو ٿي، سمنڊ ڪين سُڪن
پاڻيءَ سين پيڪُ ڪيو، تيلاه وڻجارن
لالون سي لهن، جنين سؤدو سچ سين.

هن بيت ۾ ’ڪائو ٿيڻ‘ جي معني ٿيندي، لاتِ ڏيڻ، ڪَرَ ڏيڻ، يا پاڻيءَ جو گهٽجي وڃڻ. ان جي ثابتيءَ طور سر ڏهر مان هي بيت پيش ڪريان ٿو:

سُڪي ڍور ڍيون ٿئو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو
سو پاڻي پٽيهل ۾، اڳيون نه آيو
ماڙهن ميڙائو، کهين کهين پيٽيين.

اڳئين بيت ۾ شاه صاحب ’ڪائو ٿيڻ‘ جو فعل استعمال ڪيو آهي، ليڪن هن بيت ۾ ’ڪائو ڏيڻ‘ استعمال ڪيو اٿس، پر معني ساڳي اٿس. انهي معني سان لفظ ’ڪائي‘ کي شاه صاحب رسالي جي سر ڏهر ۾ هيئن استعمال ڪيو آهي:

جان واهڙ ۾ وهه، تان تون مَڃ نه موتيين
ڪائي ۾ ڪوه ڪريين، سندو موٽڻ پِڌَ
سِرَ متي سدَ، مهميزون ملاحن جيون.

انهي بيت مان به ثابت ٿيو ته شاه صاحب ’ڪائي‘ جي معني پاڻيءَ جي لاتِ يا ڪر ڏيڻ ورتي آهي. لفظ ڪائو ته ايتري تحقيق ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته ’ڪائو‘ جون گهٽ ۾ گهٽ

پاڻيءَ ڪجهه لاتِ ڏني آهي ته هو ماڻڪ ميڙڻ جي لاءِ انهيءَ طرف جو رخ ڪندو، چو جو سپڪو تيي ڏيڻ وارو فطرتاً اها ڪوشش ڪندو ته تيي ڏيڻ وقت پاڻيءَ جي سطح ۽ تري جي وچ ۾ ٿورو مفاصلو هجي ته آسانيءَ سان تر تائين پهچي اتان سپون ميڙي اچي متاچري تي گڏ ڪن.

انهيءَ خيال کي تقويت پهچائڻ جي لاءِ، سنڌ جي جاگرافي به تائيد ٿي ڪري. ياد رکڻ گهرجي ته شاه صاحب سنڌ جي سامونڊين جو جن بندرن يا تڙن ڏانهن واپار جي سانگي وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي تن ۾ پور بندر ۽ ڪنيات وغيره آهن، جيڪي سنڌ جي ڏکڻ طرف آهن، جيئن ته پراڻي زماني ۾ سنڌ جي ٻيڙين ۽ غورابن ۾ انجڻ هلڻ جو رواج اجان تائين ڪونه پيو هو ۽ سمورو سفر بادباني يا سڙهه وارين ٻيڙين ۽ غورابن جي ذريعي ڪيو ويندو هو، تنهنڪري ظاهر آهي ته جيڪي بادباني ٻيڙيون اُتر ڪان ڏکڻ جي طرف سفر ڪنديون، تن کي سمنڊ جي ٻيٺل پاڻيءَ ۾ هلائڻ جي لاءِ اتر جو واءُ موزو ٿيندو ۽ وري جڏهن اهي ٻيڙيون واپس پنهنجي وطن ورڻ جي ڪنديون ته جيئن ته اهي ڏکڻ ڪان اُتر طرف وينديون، تنهنڪري انهن جي لاءِ ڏکڻ جي هوا وڏيڪ ڪارائتي ٿيندي، انهيءَ سبب جي ڪري سنڌ جا سڪاٽيا به اتر جو واءُ لڳڻ سان يعني سياري جي موسم ۾ پنهنجون ٻيڙيون سفر تي نيندا هئا ۽ اتي وڻج واپار ڪري وري جڏهن واهوندا ورندا هئا يا ڏکڻ جو واءُ لڳندو هو، يعني اونهاري جي مند ۾ واپس وطن ورندا هئا. ان باري ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي مان ثابتيون پيش ڪرڻ مناسب آهن. سر سريراڳ، ۾ چيل آهي ته:-

ڪوهــا ڪــال ڪٽي، اُن وڏا اُتــر آسري
آلا جهڙي مَ اُن جــي، اولي جــي اٿي
وڻــجــارن وٽــي، وڪــر وڏو ٻــيــڙيــن.

آخر ۾ آءٌ عرض ڪندس تہ مون هيءَ معنيٰ قارئين تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي، پر لغت جي هڪ معمولي طالبعلم جي حيثيت ۾ لغت جو هڪ مسئلو، هن دانشورن جي محفل ۾ پيش ڪري، پنهنجي طرفان ان جو حل بہ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، ٿي سگهي ٿو تہ ان مسئلي تي ڪن صاحبن کي اعتراض بہ هجي. جيڪڏهن ڪنهن دانشور کي هن مسئلي تي ڪو اعتراض هجي تہ، اهو صاحب بالمشافہ گفتگو، خط و ڪتابت يا ڪنهن ادبي رسالي جي معرفت مون کي پنهنجي مشوري سان نوازيندو تہ آءٌ ان جو خنده پيشانيءَ سان خير مقدم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

---




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم علي بخش شيخ

# سر سريراڳ ۾ روحاني رمز

دنيا ۾ شاعر ته ڪيترائي ٿي گذريا آهن، ليڪن منهنجي نظر ۾ هڪ شاعر جي عظمت ۽ وڏائي جي خبر ان مان پوي ٿي ته سندس شعر نه صرف سندس وقت يا دور تائين محدود آهي، پر حقيقت ۾ ان ۾ ايندڙ نسلن لاءِ به هڪ قيمتي پيغام موجود هوندو آهي. سندس شاعري بيشڪ سندس دور جي حالت ۽ اثرن کي قبول ڪري پر سندس شعر ۾ جا شيءِ نرالي هجي اها سندس خيالن جي گهرائي ۽ ان ذريعي انسان ذات لاءِ هڪ اهڙو پيغام جيڪو هر وقت، هر دور ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ مفيد ثابت ٿئي. ان منجهه نفرت جا ڪنڊا نه پر پيار جا گل هجن، ان منجهه رات جي تاريڪي نه پر ڏينهن جي روشني هجي، ان ۾ نااميدي جي بدران اميد جا ڪرڻا هجن.

منهنجي چوڻ جو مقصد اهو هرگز ناهي ته هڪ سٺو شاعر زندگي جي صرف هڪ رخ کي ڏسندو آهي، ليڪن ان جي برعڪس هو ٻين شاعرن وانگر صرف دنيا جي ٻاهرين رنگ کان متاثر نٿو ٿئي پر هو دنيا جي حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هو ڪوڙ جي بدران سچ جي ڳولا ۾ رهندو آهي، پوءِ ڀلي ان لاءِ کيس ڪيتريون تڪليفون ڇو نه ڏسڻيون پون. اهوئي معيار هو جنهن تي مون ڪيترن ئي شاعرن کي پرکيو؛ پر جنهن شاعر جو ڪلام سؤ فيصد ان معيار تي سچو ثابت ٿيو، سو سر زمين سنڌ جو هردلعزيز شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي.

شاه صاحب منهنجي نظر ۾ هڪ عظيم فلاسفر آهي. چاڪاڻ ته انساني زندگي جو جيترو مشاهدو شاه صاحب ڪيو آهي، شايد ئي ٻئي ڪنهن کي نصيب ٿيو هجي. پاڻ ابتدا کان وٺي محسوس ڪيائون ته انسان کي هيءَ زندگي هڪ اعليٰ مقصد لاءِ ڏني وئي آهي. هي دنيا ان اعليٰ مقصد کي وڃائڻ يا حاصل ڪرڻ جي جاءِ آهي، يعني جن ماڻهن پنهنجي مقصد کي سمجهيو، تن هن دنيا جي زندگي ۾ پنهنجي حقيقي مالڪ جي حڪمن جي بجاآوري ڪري ان مقصد کي حاصل ڪيو، پر ٻئي طرف جن ماڻهن هن دنيا کي عيش و عشرت ۽ آرام جي جاءِ تصور ڪيو ۽ پنهنجي رب جي حڪمن جي انحرافي ڪئي، سي نتيجي طور ڀٽڪيل مسافر وانگر پنهنجي منزل تي پهچي نه سگهيا. انسان کي هن دنيا جي حقيقت ۽ سندس اهميت ٻڌائڻ لاءِ شاه صاحب پنهنجي شعر ذريعي هڪ پيغام ڏنو. شاه صاحب جو اهو پيغام سندس هر شعر ۾ موجود آهي، پر 'سر سريراڳ' ۾ ان جو اظهار شاندار نموني سان ڪيو اٿس.

شاه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ان مقصد کي عام قصن ۽ ڪهاڻين جي ذريعي بيان ڪيو آهي، چاڪاڻ ته سندس ڪلام هڪ خاص طبقي لاءِ نه پر عام ماڻهن لاءِ هو. سر سريراڳ ۾ ته ظاهري طرح درياءَ، ٻيڙي، مسافر ۽ واپار وغيره جو ذڪر آهي، پر غور ڪرڻ سان ان ۾ عجيب روحاني راز نظر ايندو. ڏسڻ ۾ ته ائين ٿو اچي ته شاه صاحب انهن ماڻهن سان مخاطب آهي، جيڪي واپار سانگي ٻيڙين ۾ چڙهي سفر لاءِ روانا ٿين ٿا پر حقيقت ۾ هن جو اشارو انسان ۽ سندس زندگيءَ سان آهي. هي دنيا هڪ بحر آهي، زندگي ٻيڙي مثل آهي ۽ انسان مسافر. ظاهري طرح ته شاه صاحب سمنڊ جي واپارين کي چئي ٿو ته "توهين سچ جو سودو ڪريو." پر ان جو اهو پيغام هر انسان لاءِ آهي. سر سريراڳ جي ڪن شعرن کي پڙهڻ سان مٿين ڳالهه واضح ٿي ويندي.

سڀ کان پهريائين اهو ڏسڻ گهرجي ته شاهه صاحب زندگي جي باري ۾ ڇا ٿو چوي:

جر ۾ ڦوٽو جئن، لهريون لڳنديء اڏ ٿئي
تون ٻڻ آهين تئن، دنيا ۾ ڪي ڏينهڙا.

انسان هن دنيا ۾ تمام ٿوري وقت لاءِ آيو آهي. سياڻن جو چوڻ آهي ته انسان جي ڄمڻ کان پوءِ عمر وڌندي نه پر گهٽجندي رهندي آهي. پر ويچارو انسان غلط فهمي ۾ مبتلا ٿي هن دنيا جي رنگينين ۾ گم ٿي وڃي ٿو. هو دنيا کي اصلي آرامگاهه سمجهي سانس دل لڳائي ٿو ۽ نتيجي طور هو پنهنجي حقيقي مقصد کان هٽي وڃي ٿو. شاهه صاحب اهڙي ماڻهوءَ کي خبردار ڪري ٿو ته:

ويرم مَ لاهي ويهه، مٿي آرَ اوڙاهه جي
پسي پاڙي واريون، ڪيچ انديشو ايهه
وينڊو نه پسين ڏيهه، پتڻ هُن پار مٽي؟

يعني تنهنجي سامهون تنهنجا ڪيترا ساٿي هن دنيا مان موڪلائي ويا، پر تڏهن به تو ان مان سبق حاصل نه ڪيو. ليڪن مرڻ کان اڳ انسان کي هن دنيا ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي جو سندس اصلي دنيا ۾ عزت ٿئي. ان جو واحد ذريعو پنهنجي رت سان سچي محبت ۽ ان جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ آهي. دل مان ڪوڙ ۽ دغا کي هميشه لاءِ ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. شاهه صاحب فرمائي ٿو:

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪي، اتي اور الله سين
ڪڍ تون دغا دل مان، صاحب وڏي سچ
محبت سندو من ۾، ماڻڪ پارج مچ
ان پر اتي اچ، ته سودو ٿئي سڦرو.

جن ماڻهن زندگي جي انهيءَ راز کي سمجهيو تن پنهنجي حقيقي منزل کي ڳولي لڌو. اهڙن ماڻهن جي عزت ۽ عظمت ٻنهي دنيائن ۾ قائم رهي ٿي. هو ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ٿين ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهن جو ٻاهريون رعب تاب سندن آڏو ڪابه حقيقت نٿو رکي، چاڪاڻ ته شاه صاحب جي چوڻ موجب:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان
ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آڳ ان جي.

مان اڳي عرض ڪري آيو آهيان ته شاه صاحب زندگي جي صرف هڪ پهلوءَ تي روشني نٿو وجهي، پر هو هر جاءِ تي موجود آهي. هن دنيا ۾ ڪيترا ڀٽڪيل انسان آهن، جن جي سڄي زندگي ڏوهن ۽ گناهن ۾ گذري وئي ۽ باقي عمر مايوسي ۾ گذاري ٿا. شاه صاحب اهڙن ماڻهن کي تلقين ٿو ڪري ته نااميد نه ٿيو. ان مهل ماڻهوءَ کي گهرجي ته هو پنهنجي ربّ کان سچيءَ دل سان مدد طلب ڪري ته هو ضرور غفلت جي ننڊ کان سجاڳ ٿي صحيح رستي تي اچي ويندو.

آڏو ڇِڪَڻُ ڇاڙهه، منهنجي موج نه سهي مَڪُرِي
ميڙي مَٺايُنِ جو، بيحد ڇاڙهيم بار
ڇوڻ ڇارو ناهه ڪو، بديون بيشمار
ڪَپُرَ ڪارونيار، اُڪارئين اِحسانَ سين.

آخر ۾ آءٌ چوندس ته شاه صاحب جي سُرُ 'سريراڳ' ۾ هڪ اهڙي روحاني رمز سمايل آهي، جنهن کي سمجهڻ سان ڀٽڪيل انسانن جون بيمار دليون چاق ٿي وڃن ٿيون ۽ کين 'صراط مستقيم' وارو رستو ملي وڃي ٿو ۽ بقول شاه صاحب:

سي پوڇارا پر ٿيا، سمنڊ سيويو جن
آنڊائون عميق مان، جوتي جواهرن
لڌائون لطيف چئي لالون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، مل مهانگو آن جو.

جناب شاهنواز پنو اختر

# سر سريراڳ ۾ ڇهه بيت

امام الشعراءُ، ذبدة الصوفيا، سرتاج الاولياءُ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جو گنجينهء گران قدر رسالو ٣٢ سرن ۽ ٣٦ راڳڻين تي مشتمل آهي. انهن مان ڪي سر واديء مهراڻ جي تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن سان تعلق رکن ٿا. جهڙوڪ: سر سسئي پنهون، عمر مارئي ۽ مومل راڻو وغيره ـ ٻيا وري ڪي سر راڳڻين جي نالي سان منسوب آهن. جهڙوڪ: سر رامڪلي، سر سارنگ، سر يمن ڪلياڻ وغيره.

سر سريراڳ، ڇهن مول راڳن مان هڪ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "سٺو يا سريلو راڳ." هي سر اڪثر ڪري شام جو ٤ کان ٨ بجي تائين ڳايو ويندو آهي.

هتي مان سر سريراڳ جي ڇهن بيتن تي پنهنجي ناقص عقل مطابق ڪجهه روشني وجهڻ جي جسارت ڪري رهيو آهيان. اميد ته منهنجي لغزشن کي اهلِ ادب ۽ اربابِ قلم نظر انداز ڪري معاف ڪرڻ فرمائيندا.

هن سر ۾ ظاهري طرح ته سمنڊ جي سفر ۽ ان جي خطرن جو بيان ٿيل آهي. مگر شاه صاحب هن دنيا کي سمنڊ سان تشبيه ڏني آهي ۽ ان ۾ مسافري ڪندڙ ناکئي کي انسان سان ۽ ان جي چڱن اعمالن جي لالن ۽ جواهرن سان تشبيه ڏني آهي. ٻيڙيء يا ڏنگيء جو مثال انسان جي جسم سان ڏنو اٿس ۽ سڙه کي سيني سان ڀيٽيو اٿس. جڏهن شاه صاحب ٻيڙين واري کي سڙه صاف

هتي سهڻي لطيف اسان کي مقصدِ حيات حاصل ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو آهي ته اي انسان! تون پنهنجي حقيقي مالڪ جي ياد کان ڪڏهن به غافل نه ٿي. ڪائي ۽ ڪچ، ڪوڙ ۽ فريب جو وکر نه سوداءِ، بلڪ جيڪي وڏڄ وڻين اهڙ، حق ۽ سچ جو هٽ ڪر. انهيءَ حق ۽ سچ جي ماڻڪن، موتين ۽ لالن مان اگر تو ڪي ماسي جيترو مال يعني تمام ٿورو ئي، چڱن عملن جو ثواب مليو ته تو لاءِ بقا جي سفر خاطر گهڻو ڪجهه آهي. مگر ان سان گڏ

وکر سو وهاءِ، جو پڻ پراڻو نه ٿئي.

اي انسان! هتان ڪجي آئينده لاءِ عمل سڻ ڪٺي هلين، اهي اهڙا نه هجن جو خراب ٿي وڃن.

٢. لڙ لهريون لس ليٽ، جتي آتُ نه آب جو
الله! اُتِ مَ اولڙيئين، پيڙا مٿي پيٽ
جو ڪو ٿيي مَ جهاز کي، ڦرهي اچي مَ ڦيٽ
لڳي ڪا مَ لپيٽ، هن غاريبي غراب کي.

هتي شاهه صاحب هن دنيا کي هڪ اهڙي اونهي سمنڊ سان مشابهت ڏني ٿو، جتي ڏاڍا لڙ، لهريون، طوفان يعني گناهن ڪرڻ جا موقعا ۽ اهي به اهڙا موقعا جن کان هرڪنهن جو بچڻ نهايت مشڪل آهي. ان ڪري اسان جو لطيف اتي الله سائين در عرض ٿو ڪري ته اي منهنجا پالڻهار! انسان کي هن گناهن جي پريل دنيا ۾ گناهن کان بچائڻ وارو مالڪ صرف تون ئي آهين. مان ته نهايت عاجز ۽ ڪمزور آهيان، اگر مون کي دنيا جي گناهن جي ڪا لپيٽ لڳي ويئي يا گناهه ڪرائڻ واري قوت اگر منهنجي عاجزيءَ ۽ ڪمزوريءَ جي مٿان چڙهي ويئي ته ان کان منهنجو پنهنجو پاڻ بچائڻ نهايت ئي مشڪل ٿي پوندو. ان مشڪل مرحلي تي تون ئي مددگار، وسيلو، رهبر ۽ بچائڻ وارو ڪريم آهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستا سڀ پٽي، سندي معلم آسري
آئين پڻ سمهو ناکئا، بندر ناهه ٻئي
جن جي سيد لڄ کنئي، سي سڀ لنگهندا لکيون.

هتي پتائي گهوٽ جن فرمائين ٿا ته مرشد ڪامل جي آسري تي سڀ سمهي پيا آهن، مگر هاڻي ڪو به خوف ڪونهي ڇو ته جن جي لڄ حضرت محمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جن کنئي آهي، اهي سڀ اٿانگا سٿانکا لڪ ۽ لکيون ٽپي پار پهچندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) ”امر حاضر واحد جي پڇاڙي جيڪر ’زير‘ واري هجي ته ان جي پويان، يان، يُون، يِن، يو، اِي ۽ اِين ملائڻ سان مضارع جون سڀ شڪليون ٺهن ٿيون.

شاه جي هن سر ۾ مٿين قاعدن تي ٺهيل شڪلين کان سواءِ، مضارع جي هڪ اهڙي صورت به موجود آهي، جيڪا ڌيان طلب آهي. هن سر جي چوٿين داستان ۾ هڪ بيت آهي ته:

چـوراڻـو ايئن **چوءِ**، آءٌ اهـوئي آهـيان
جي اسي اکين **هوءِ** ته لکي ڪي ڪونه لهي.

هن بيت ۾ ’چوءِ ۽ هوءِ‘ شڪليون، چوڻ ۽ هُوئڻ مصدرن جي چوءُ ۽ هوءُ امرن مان نڪتل، مضارع واحد غائب جـي صـورتون آهن. جيڪي اصل ۾ چوئي ۽ هـوئي هيون ۽ پوءِ سندن آخري ’ي‘ ڪيرائي، ڪين چوءِ ۽ هوءِ بنايو ويو آهي.

گرامر جي قانون موجب سندن ڦيرا هيٺئن آهن:

(١) چوئڻ مصدر جي چوءُ امر مان نڪتل.

| | |
|---|---|
| آءٌ چوئان | اسين چوئون |
| تون چوئين | توهين چوئو |
| هو چوئي يا چوءِ | اهي چوئن |

(٢) هوئڻ مصدر جي هوءُ امر مان نڪتل.

| | |
|---|---|
| آءٌ هُوئان | اسين هوئون |
| تون هوئين | توهين هوئو |
| هو هوئي يا هوءِ | اهي هوئن |

مضارع جي مٿين شڪلين ’هوءِ‘ ۽ ’چوءِ‘ کي نگاه ۾ رکي، امر مان مضارع واحد غائب جي شڪل ٺاهڻ لاءِ، هيٺيون قاعدو ٺاهيو ته به جائز ٿيندو:

”جنهن امر حاضر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ پيش وارو همزو (ءُ) هجي ته ان همزي کي زير ڏيڻ سان مضارع واحد غائب جي شڪل ٺهي پوندي.“

٢- امر حاضر واحد + آرو = اسم فاعل
پوڇ + آرو = پوڇارو.

---

٣، ٤- امر حاضر واحد + آئُو = اسم فاعل
وهاءِ + آئُو = وهائُو
ڪيڙ + آئُو = ڪيڙئُو (ڪيڙائُو).

---

٥، ٦، ٧- امر حاضر واحد + ٽو = اسم فاعل
پرک + ٽو = پرکٽو
پن + ٽو = پنٽو
هڻ + ٽو = هڻٽو (هاٽو).

---

اسم فاعلن جي مٿين بناوت پروڙڻ کان پوءِ، هن سُر جي دائري اندر، اسم فاعل جون شڪليون ناهڻ لاءِ اسان کي هينيان قاعدا قبول ڪرڻا پوندا:

(١) اسم مصدر جي پويان 'وارو' ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، جيئن: مارڻ وارو، تارڻ وارو وغيره.

(٢) امر حاضر واحد جي پويان 'آرو' ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، جيئن: پوڇارو، پڇارو، لاهيارو وغيره.

(٣) امر حاضر واحد جي پويان 'آئُو' ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، جيئن: وهائُو، ڪيڙائُو، ميڙائُو، ڪاتائُو، ڪائُو وغيره.

(٤) امر حاضر واحد جي پويان 'ٽو' ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندو آهي، جيئن: پرکٽو، پنٽو، مڱٽو، هاٽو، هارٽو وغيره.

## ٤- اسم مفعول

اسم مفعول، اهڙي فعلي صورت آهي، جنهن جي ڪم جو اثر مٿس يا سندس فاعل تي ٿي چڪو هجي. اهو ڪٿي اسم ڪٿي صفت ۽ ڪٿي ظرف وانگر به ڪم ايندو آهي.

اسم مفعولن جي مٿين بناوت معلوم ڪرڻ ۽ پروڙڻ کان پوءِ، هن سر جي حدن اندر، اسم مفعول ٺاهڻ جي قديم قاعدي (امر حاضر واحد + يو يا يل = اسم مفعول) کان سواءِ ٻيا ٻه قاعدا به قبول ڪرڻا پوندا.

(١) جنهن مصدر جو ماضي مطلق قاعدي موجب(١) ٺهيل هجي ته ان مان اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ، امر حاضر واحد جي پويان 'اِي' ملائڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن: آيو مان آئِي، ويو مان وئِي، اڪيو مان لڪِي ۽ جهليو مان جهلِي وغيره.

(٢) جنهن مصدر جو ماضي مطلق بيقاعدي(٢) ٺهيل هجي، ته ان مان اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ، ماضي مطلق واحد غائب جو 'واءِ' ڪيرائي، پويان اِيِ ملائڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن: ويٺو مان ويٺِي، سٿو مان سٿِي ۽ ڀڳو مان ڀڳي وغيره.

## ٥- اسم حاليه

اسم حاليه، فعل جي اها صورت آهي جيڪا ڏيکاري ٿي ته فاعل هڪ ڪم ڪي ڪندو يا جاري رکندو، ٻئي ڪم ڪي لڳي ٿو، لڳو هو يا لڳندو. جيئن: (١) هاري جوڙو **هڪليندو**، گهر پيو وڃي. (٢) ڏمال مال **ڪاهيندو**، گهر ويو. (٣) ڇوڪر بازار مان **ٽپندو**، گهر پهچندو.

مٿين جملن ۾ هڪليندو، ڪاهيندو، ٽپندو، اسم حاليه جون شڪليون آهن، هن جي شڪل ٺاهڻ بعد گرامر جي ماهرن به قاعدا ٻڌايا آهن.

---

(١) مطلق ٺاهڻ لاءِ قاعدو آهي ته: ''امر حاضر واحد جي پويان **يو** ملائڻ سان ماضي مطلق ٺهندو آهي. جيئن لک مان لکيو، مار مان ماريو وغيره.

(٢) بي قاعدي ماضي مطلق اهو آهي جيڪو امر واحد جي پويان **يو** ملائڻ سان نه ٺهي، جيئن: پڇ مان پڇيو جي عوض **پڳو**، سمھ مان سمهيو جي بدران ستو وغيره.

(٢) عرض احوال ان کي، ڇگيءَ پت ڇڄي.

هنن مصرعن ۾ ڪجي ۽ ڇڄي متعدي مجهول جا صيغا آهن، جيڪي مٿئين قاعدي موجب ٺهيل آهن. انهن صورتن کان سواءِ هن سر ۾ فعل متعدي مجهول جا ٻيا به صيغا ملن ٿا، جيڪي مٿئين قاعدي موجب ٺهيل نه آهن. جيئن:

(١) لک مڙيئي لٿيا، هئين ويا هزار.

(٢) ڪنين گهمندي سير، وکر وڪامي ويو.

مٿين مصرعن ۾ 'لٿيا' مان مراد آهي ته 'لک لٿجي ويا' پر لٿڻ وارو موجود ڪونه آهي. ۽ 'وڪامي ويو' جو مطلب آهي ته 'وکر وڪجي ويو' پر وڪڻڻ وارو ڪونه ٿو ليکجي.

مجهول جي هنن شڪلين کي جاچي ڏسبو ته ٻئي فعل متعدي معروف، ماضي مطلق جا سنوان سڌا صيغا آهن. تنهنڪري هاڻي اسان کي هيئن به چوڻو پوندو ته:

"فعل متعدي معروف، ماضي مطلق جا سنوان سڌا صيغا، فاعل کان سواءِ ڪم آڻڻ ڪري، فعل متعدي مجهول جا صيغا بڻجي پوندا آهن."

## ٩- ناڪاري فعل

هاڪاري فعلن کي ناڪاري فعل بنائڻ لاءِ اسان کي جيترا حرف، اسان جي پياري ٻوليءَ ۾ ملن ٿا، اوترا حرف ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ڪونه ليندا.

هن معاملي ۾ هتي رڳو شاهه جي رسالي مان فقط هڪ سُر "سريراڳ" جي مطالعي مان فعل سان گڏ ناڪاري حرفن جي استعمال جا مثال پيش ڪيا، جن مان ئي خبر پئجي ويندي ته سنڌي ٻوليءَ جي وسعت ۽ شاهه عبداللطيف رحه جي ڪماليت ڇا آهن.

١. نه جو استعمال.

(الف) نه جو استعمال فعل جي اڳ ۾:

"وهه تک وهڪرا، جت ننگر نه ٺهرن."

(ب) نہ جو استعمال فعل جي پويان:

”تنين سندا پوئيان سيھي لھن نہ سار.“

٢. مَ جو استعمال:

(الف) مَ جو استعمال فعل جي اڳ ۾.

”سونا ونءِ صراف سيئن، لڌو ھڏ م لاھہ.“

(ب) مَ جو استعمال فعل جي پويان.

”ٻيڙي پراڻي، وکر ڀاءِ مَ وترو.“

٣. ڪانہ جو استعمال.

”سا سڌ ڪانہ ڏين، جتي وھہ ويڌ ڪري.“

٤. ڪونہ جو استعمال.

”اونھي ۾ آئي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو ٻيو.“

٥. ڪين جو استعمال.

”ثابت لنگھيا سير، لھرين لوڏيا ڪين ڪي.“

٦. ڪومَ جو استعمال.

”سيئي سنئين ڪرين، ڪوم منجھائين راھہ.“

٧. ڪيمَ جو استعمال.

”لڙ ۾ ڪيم اڏيج تہ سٽڙ ساموندي ٿئين.“

٨. جمَ جو استعمال.

”ڏوري لھہ ڏاتار، جم وھين ويسرو.“

٩. متان جو استعمال.

جو چاندي ڪيو چلائيين، مٿان پويئي ۾ هڏ.“

## ١٠. اسمن مان ٺھيل فعل

ھن سر ۾ ڪيترا اھڙا فعل بہ لڀن ٿا، جيڪي اسمن مان ٺاھيا ويا آھن ۽ جن اسمن مان اھي فعل ٺاھيل آھن، اھي اسم، ھتي اسم طور بہ ڪم آيل آھن تہ سندن فعلي صيغا بہ موجود آھن. جيئن:

١. ’تُنُ‘ اسم آھي، جنھن جي معنيٰ آھي، سوراخ يا تنگ. اھو اسم طور ھيئن استعمال ٿيل آھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تري تُن پياس، پاسنئون پاٽي وهي“

هتي هنڌ انهيءَ اسم مان فعل ٺاهي هيئن استعمال ڪيل آهي:

”تن ننبيندو آءِ، مک ڏهاڙي مڪڙي.“

٢. ’سڪاڻ‘ اسم آهي جنهن جي معنيٰ آهي، ٻيڙيءَ جو ڪوهو. اهو اسم طور هيئن ڪم آيل آهي.

”سچيون راتيون سمهين، پر سڪاڻ ڏيئي.“

هتي انهيءَ اسم مان فعل ٺاهي هن طرح استعمال ڪيو ويو آهي.

”جيلان ستر سڪاڻياس، وهي تي وهم سامهون.“

٣. ’سودو‘ اسم آهي جنهن جي معنيٰ آهي، واپار، وڪر، ٺاٺا ستا وغيره. اهو لفظ اسم طور هيئن ڪم آيل آهي.

”سودو صرافن سين، اوچتو آيوم.“

هتي هنڌ انهيءَ اسم مان فعل ٺاهي، هيئن ڪم آندو ويو آهي:

”موتي معرفت جا سچا سودياڻون.“

يا

”ڪوڙ اوڏا ڪين ڪي، رڳو سچ سودين.“

٤. ’سيوا‘ اسم آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، خدمت، چاڪري ٽهل ٽڪور وغيره. اهو لفظ اسم طور هيئن استعمال ٿيل آهي:

”سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال.“

هتي طرف انهيءَ اسم مان فعل ٺاهي، اهو هيئن ڪم آندو ويو آهي:

”سي پوچارا پر ٿيا، سمنڊ سيويو جن“

يا

”سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا“

٥. ’وڻج‘ اسم آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڪر، واپار، سودو وغيره. اهو لفظ اسم طور هيئن ڪم آيل آهي:

”وڻج وهائيج سي سوداگر سچ جو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي هنڌ انهيءَ اسم مان ناهيل فعل اجهو هيئن آهي:
”ڪاٺو ڪمايوم، موتي مون نه وڏجيا.“
مٿين مثالن کان سواءِ هن سُر ۾ اهڙا مثال به ملن ٿا جن ۾ ڌارين اسمن مان فعل ٺاهي ڪم آندا ويا آهن. جيئن:
(۱) مديون ٻسي منهنجون شرمايا شيطان.
(۲) وير وڙهندءِ ويسرا، اٿي توه طالب.
مٿين مصرعن ۾ ’شرمايا‘ ۽ ’طلب‘ فعل، شرم ۽ طلب اسمن مان ناهيل آهن.

## ١١. فعلن مان ظرف ٺاهڻ

فعلن مان اسم ٺاهڻ جا مثال عام آهن پر هن سر ۾ فعل مان ظرف ٺاهڻ جو هڪ اهڙو مثال مليو آهي، جنهن جهڙو مثال ٻئي هنڌ ملڻ مشڪل آهي. جيئن:
(۱) سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال.
(۲) جيڻ جال نه ڏيهي، سڄ ايءَ پچار.
مٿين ٻنهي مصرعن ۾ ڪم آيل لفظ ’جال‘ جالڻ مصدر مان نڪتل آهي ۽ هتي ظرف ٿي ڪم آيو آهي.

## ١٢. جديد فعل

هن سر ۾ فعل جي چنڊ چاڻ ڪندي، ڪي اهڙا فعل به مليا آهن، جيڪي بلڪل ڌاريان آهن ۽ انهن جي استعمال کان اسين اڄ به ڇرڪون پيا. پر شاه صاحب به سؤ سال پهرين ڌارين فعلن کي سنڌي سِٽا موجب ڪم آڻي، اسان کي گويا رستو ڏَسي ويو آهي ته، اسين به وقت ضرورت ڌارين فعلن کي سنڌي بناوت وانگر ڪم آڻي، پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو وڌائيندا رهون.
هن سر ۾ ڌارين فعلن جي استعمال جا مثال اجهي هيئن آهن:
(۱) وهه تک وهڪرا، جت لنگر نه ٺهرن.
(۲) فاذڪروني اذڪرڪم، کهيو قرآنا.
(۳) چاندي ڪيو چلائيين، رپو روازي.
(۴) ويچيبندي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضاع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين مصرعن ۾ 'ٺهرن'، 'ڪهيو'، 'چلائيين' ۽ 'ويچيندي' ڌاريان فعل آهن، جيڪي سنڌن اصلي شڪلين ٺهرتي، ڪها، چلاتي هو ۽ بيچتي جي بدران سنڌي سٽا (ٺهرن، ڪهيو، چلائيين ۽ ويچيندي) وانگر استعمال ڪري لساني مهارت ۽ جدت جو ثبوت ڏنو ويو آهي-

## ۱۳- حل طلب فعل

هن سر ۾ فعل جون به اهڙيون شڪليون مليون آهن، جن بابت ڪئين سوال سامهون اچن ٿا.

جيئن: (۱) اهي ڪهڙين مصدرن مان نڪتل آهن؟
(۲) اهي موجوده شڪل ۾ ڪيئن آيا؟
(۳) اهي ڪهڙين شڪلين مان بدلبا موجوده شڪل ۾ پهتا؟

اهي شڪليون آهن:

(۱) اٿئي — معلوم **اٿئي** مذڪور، ڳوڙها انهيءَ ڳالهه جو.
(۲) اڪتا — سنپاري سبحان، وڃي عادتئون **اڪتا.**

مٿين مصرعن ۾ 'اٿئي' ۽ 'اڪتا' فعل، فعل جون اهڙيون شڪليون آهن، جن بابت مون جهڙن ابوجهن ۽ سيکڙن کي خبر نٿي پوي ته اهي شڪليون ڪٿان ۽ ڪهڙن روپن مان لنگهنديون، موجوده صورتن ۾ ايون آهن.

تنهنڪري آءٌ سڀني بزرگن، عالمن، اديبن، استادن ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻن کي ادب سان عرض ڪندس ته هو هن معاملي ۾ منهنجي رهبري ڪرڻ فرمائين.

انهيءَ ڪان سواءِ فعل بابت مٿي جيڪي آءٌ پنهنجا خيال پيش ڪري آيو آهيان، تن ۾ جيڪي خاميون، واڌارا يا گهٽايون هجن ته مهرباني فرمائي انهيءَ معاملي ۾ به پنهنجي ڪرم فرمائي ڪرڻ فرمائين ته احسان!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محترم علي نواز جتوئي

# سُر سريراڳ جي تمثيل جي تشريح

شاهه ڀٽائي رحمة الله عليه جي رسالي ۾ جيڪي ٻه سُر آهن تن سڀني ۾ تمثيلون رکيل آهن، جن جي اوٽ ۾ زندگيءَ جي انهن رازن کي بيان ڪيو ويو آهي، جن جو تعلق اهڙي جهان سان آهي، جيڪو جسماني نه هئڻ سبب ظاهري حواسن جي پهچ کان پري آهي، تنهنڪري ان کي 'روحاني جهان' سڏيو وڃي ٿو. اهو روحاني جهان جسماني جهان کان پري نه آهي بلڪ ان جو باطني پهلو آهي ۽ ان جي ڪري ئي هي جسماني جهان موجود آهي. انهيءَ جهان کي 'معنوي جهان' به سڏيو وڃي ٿو. تصوف ۾ ان کي 'ملڪوت' سڏجي ٿو. مُلڪ ۽ ملڪوت هڪ ئي حقيقت جا ٻه پهلو - ظاهري ۽ باطني آهن. ڪل ڪائنات جي هر شيءِ جا اهي ٻئي پهلو قادر مطلق جي قدرت ۾ آهن:
بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ (قرآن، ياسين ٨٣، المومنون ٨٨)
وَهُوَ عَلٰي كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (قرآن).

مصوّر جڏهن پنهنجي ڪنهن تخيل کي ظاهر ڪرڻ گهرندو آهي، تڏهن ان کي تصوير جو جسم ڏيندو آهي. انهيءَ جسماني جامي کان اڳ هو ان تصوير جو خاڪو پنهنجي ذهن ۾ قائم ڪندو آهي، جنهن کي 'تصور' سڏيو ويندو آهي. اهو تصور باطن آهي انهيءَ تصوير جو، جنهن کي مصوّر پيدا ڪري ٻين اڳيان رکي ٿو. اهڙيءَ طرح سان تخيل ظاهر ٿئي ٿو. ٻهريائين تصوّر ۾ ۽ پوءِ تصوير ۾. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي اهڙي ذات حاصل هجي جو تصوير جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ مصوّر جو تصور

ڏسي سگهي جو ان جي ذهن ۾ موجود آهي ته پوءِ پيشنگوئي ڪري سگهندو ته هن قسم جي تصوير مصوّر جي هٿان ظاهر ٿيڻ واري آهي. اهڙي شخص کي مذهبي لغت ۾ 'ڪشف جو صاحب' سڏبو آهي. ڪشف جي ذريعي شين جو باطن ته معلوم ٿي سگهي ٿو مگر حقيقت حاصل ٿي نٿي سگهي. اِها تڏهن حاصل ٿيندي جڏهن تخيّل ۽ تصوّر جي وچ واري واسطي جي ڄاڻ هوندي ۽ 'علامتن' (Symbols) جو علم هوندو. انهيءَ علم ۽ ڄاڻ کي ''علم معاني'' سڏبو آهي. روحاني علامتن جي علم کي ''عرفان''، ۽ الاهي علامتن، آيتن ۽ اسمائن جي پروڙ کي ''معرفت'' چئبو آهي.

سچو شاعر به مصوّر وانگر پنهنجي تخيّل کي لفظن جو پوش پهرائي پيش ڪري ٿو. هو ڪائنات جي ڪتاب کي پڙهي ان جي علامتن ۽ آيتن مان حقيقتون حاصل ڪري ٿو، جن کي پوءِ مناسب ۽ موزون لفظن جي ذريعي ظاهر ڪري ٿو. اُهي حقيقتون جيڪي سڌي طرح سمجهائي نٿيون سگهجن تن کي هو تمثيلن جي اوٽ ۾ بيان ڪندو آهي. دنيا ڀر جي سڀني اعليٰ ڪتابن ۾ اِهو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي.

خوشتر آن باشد ڪه سرِ دلبران
گفت آيد در حديثِ ديگران (رومي)

شاه ڀٽائي رحمة الله عليه به اِهو طريقو اختيار ڪيو.

سر سريراڳ ۾ تمثيل طور سامونڊي ملاحن جو ذڪر آيل آهي، جيڪي جهازن جي ذريعي وڻج واپار ڪن ٿا ۽ سمونڊ ۾ غوطا هڻي اُن مان ماڻڪ، موتي، سپون ۽ لالون ڪڍن ٿا. انهن کي مال متاع ۽ وکر وهائي، سٽاٽو سمونڊ اُڪري، پار 'پُر بندر' پهچڻو آهي، جتي ڪين حساب ڪتاب ڏيڻو آهي:

صباح سڀئي، پار پڇنده خبرون.

انهيءَ سمونڊ جو سفر نهايت خطرناڪ آهي:

وڏاندريون وَهَ ساميهون، جهجهي زور جُنبن

وڏا ٻيڙا ٻوڙيا، ساڱر ڏيئي ساهه

---

انهيءَ آب جو انت ناهي؛ منجهس لُڙ لهرون، لس ليٽ ۽ چڪڻ چاڙهه آهي:

لڙ، لهرون، لس ليٽ، جتي انت نه آب جو

---

آڏو چڪڻ چاڙهه، موج نه سهي مڪڙي.

---

سندس ڪپر وٽ ڪارونيار ڪارا ڪُن آهن. سندس ويرون وڙهندڙ آهن، منجهس وهه تک وهڪرا آهن. مٿس دل دهلائيندڙ طوفان اُٿن ٿا ۽ ڦورو ڦرندا رهن ٿا. اهڙي حالت ۾ شاهه صاحب انهن ساموندي سوداگرن کي صلاح ٿو ڏئي ته

وڻجارا ويني، تـو نه سرندي شاهه ري

مـڪ پنهنجي مڪري، ڇڳي ڪر ڇيني

پـاسـا پا کڙين جـا، سموند تـو سيڪي

جي لُنبدا ۾ ليکي، وير وڙهندي تن سين.

---

نه صرف ٻيڙيءَ کي مڪ ڏئي، بلڪ سندس سوراخ ۽ جهيرون به بند ڪري، ڇو ته ڪيس هڪ ڏينهن اجهاڳ سمونڊ تي ضرور اچڻو آهي:

ڏُن تنيندو آءُ، مـڪ ڏهـاڙي مڪري

سانباهي سمونڊ جي، مناں مور م لاهه

اڄ ڪم سنجهه صباح، اُهرندين اجهاڳ اُتي.

---

ملاح کي اڳين به ٻڌايو پيو وڃي ته غفلت ڇڏي سجاڳ ٿيءُ؛ اوڙي پاڙي کي ڏس ته ڏيهه جا ماڻهو هن پتڻ تان هُن پار پيا وڃن؛ غافلن کي وچ ۾ ئي لهرون لوڙهيو ڇڏين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونئي وجهه وکر جا، دنگيءَ ۾ داڻا
وير وڙهنديءَ ويسرا، ويهه مَ ويڳاڻا
هيءَ ننڊ نہ ڄاڻان، ڪڏهن هٿندءِ تار ۾

---

وکر سو وهاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي
ويچينديءَ ولات ۾، ذرو ٿئي نہ ضياءِ
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهہ جنهن جي اُبهين.

---

شاه صاحب جي ملاحظي موجب (۽ اِها حقيقت آهي) هِنَ پر
بندر تي وکر وهاڻڻ لاءِ گهڻو ئي پيو آهي؛ ڪي ساموندي سوداگر
جوانيءَ ۾ وهائي حد ڪيو ڇڏين تہ ڪي وري گهڻي ڦرڻ ۾
وقت وڃايو ڇڏين ۽ بيشمر رهجيو وڃن:

وهائيندڙ ويسرا، وکر ڏيرؤن ڏير
ڪنين وهائي وس ڪيو، وکر وڏيءَ وير
ڪنين گهمندي گهيڙ، وکر وڪامي ويو.

---

سوداگرن کي نہ صرف وکر وهاڻو آهي پر ڇولين ڪان بيپرواهہ
ٿي ڪري سمونڊ جي 'سيوا' ڪرڻي آهي ۽ ان جي اونهي ۾
غوطا هڻي ماڻڪ، موتي ۽ لالون وغيره هٿ ڪرڻيون آهن، جن
جو ماسو بہ مالا مال ڪيو ڇڏي.

ويهه تون وساري، چنڊا جي چِلڻ جا
جولڪ لهرون ڏي، ڪر ساڃاهہ تنهن سمونڊ جي

---

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جَر وهي ٿو جال
سئين سپجن سمونڊ ۾ ماڻڪ موتي لال
جي ماسو مليٺي مال، تہ پڃارا پُر ٿين!

---

اي گت غواصن، جئن سمونڊ سوجهيائون
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون، هيڙا لال هٿن سين

سمونڊ جي ’سيوا‘ ۽ غوطخوري مان جڏهن ڪي ماڻڪ موتي ۽ لال لهجن تڏهن انهن جي پرک سچن صرافن ۽ وينجهارن وٽان ڪرائجي، جيڪي سچي ۽ ڪوڙي جي تميز رکن ٿا:

تا صراف سڄڻ، پاڻ ڪوناٿين وهري
ماڻڪ ڪري مٽ ۾، وانءُ وٺي وٽ تن
سندس ڏي سيد چئي، ڪهڙو قدر ڪن
پاڻيٺ ئي پرکن، ڪرڪنچل گڏن ڪچ سين؟

—

اصل آڇ ۾ ان ڪي، جي نه پروڙن مٽ
جت گڏجيئي جوهري، ماڻڪ تنهين مٽ
جنين سون سين سٽ، تن هٽي ريءُ رد ڪيو.

اهڙا آهي تمثيل، جنهن کي شاه صاحب پنهنجي ذاتي جذبات سان پيش ڪيو آهي. انهيءَ تمثيل جي تشريح گهڻي ڀاڱي خود سُر ۾ ڏني ڏيئي آهي. ساري سُر جو مول مقصد اُهوئي آهي جيڪو منڍ ۾ پهرئين بيت ۾ آيل آهي:

مان پڇنئي سپرين، چتان لاهه مَ چُر،
اُنين جا اُمر، ڪڻ تہ خالي نہ ٿئين.

انهيءَ بيت ۾ انسان کي هيءَ تلقين ڪئي ويئي آهي تہ اي انسان! جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ تنهنجي زندگي حقيقت ۾ مالا مال ٿئي تہ ٻہ ڳالهيون ڪر: هڪ تہ سچي سپرين رب تعالى کي پنهنجي چت ۾ ياد رکندو اچ تہ وٽس بہ تنهنجي يادگيري رهي؛ ٻيو تہ سندس حڪمن جي بجاآوري آڻ. ان جا احڪام ٻن قسمن جا آهن: هڪڙا اُهي جن جي ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ٻيا اُهي جن جي نہ ڪرڻ جو حڪم آهي. ٻنهي قسمن جا ڪم نيڪ عمل آهن؛ ”سچ جو سودو“ بہ اِهو ئي آهي. انهن احڪامن جي خلاف عمل ڪرڻ برا ڪم آهن؛ ڪوڙ ڪمائڻ جو تعلق بہ اُنهن سان آهي.

ڪچ ڪمايم ڪوڙ، پڳم عهد الله جا
پڄرو جو پاڻ جو، سو چوٽيءَ تائين چُور

مان پڇنئي سپرين، چت ۾ چيتاريج
ڪيج ڪائي ڪچ ڪي، ڪوڙ مَ ڪمائيج
وڻج وهائيج، سپ سوداگر سچ جو.

ڪيي ڇڏ تون قلب مان ماري ڪوڙو ڪور
هن پر سندو هور، متان تو معاف ٿئي.

هِن بيتن مان صاف ظاهر آهي ته جيڪڏهن الله تعاليٰ کي دل ۾ ڏربو ۽ ان سان گڏوگڏ پاڻ کان پري رهي نيڪ عمل ڪبا ته مرڻ کان پوءِ پڇاڙيءَ ۾ جزا سزا سندو خوف ختم ٿيندو. ”هُنَ پر“ مان مراد مرڻ کان پوءِ وارو غير جسماني جهان آهي. شاه صاحب اُن کي ”هُنَ پار“ به سڏيو آهي:

ويرَ مَ لاهي ويهه، متي آر اوڙاهه جي
پسي پاڙي واريون، ڪج انديشو ايهه
ويندو نه ڏسين ڏيهه! پتڻ هُنَ پار مٽي.

جن تان ”هُن پر سندو هور“ معاف ٿئي ٿو تن کي قرآن پاڪ ’اولياءَ الله‘ سڏي ٿو: ”آلا ان اولياءَ الله لاخوفٌ عليهم ولاهم يحزنون“ (خبردار، سچ ته اولياءَ الله تي نڪو خوف آهي ۽ نه وري متن حزن يعني غم آهي). انهيءَ آڌار تي خود شاه صاحب چتائيءَ سان چيو آهي ته

’لاخوفٌ عليهم ولاهم يحزنون‘ سڄڻ ڪونهي سور
(سُر ڪليان)

انهن لاءِ، قرآن پاڪ موجب اڳتي جون بشارتون آهن:
جنين سودي سچ جو وکر وهايو
بخرو ’لهم البشريٰ‘ جو، اُنهن لئه آيو
ان کي لالن لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سٽ ۾ ’وکر‘ مان مراد ’ٻانهپ‘ ۽ ’وينتي‘ آهي:

ٻانهپ جو پيڙين ۾ وکر وڌائون

---

وکر وينتين جو، تنهن ۾ ڀاءِ توري

برا ڪم ۽ بديون بار آهن، جيڪي وجود جي پيڙيءَ کي ٻوڙي

سگهن ٿيون:

ميڙي مٿائين جا بيحد چاڙهيم بار

چونڊ چارو نام کو، بديون بيشمار

هن سٽ ۾ ”سونهن“ جو به ذڪر آيل آهي، جن مان مراد

”روحاني رهبر“ آهن. سندن صفت شاه صاحب هن ريت ڪئي آهي:

سونهان سڏيون ڏين، هن ديواني درياءَ جون

ڪوڙ اوڏائي ڪينڪي، رڳو سچ سودين

عجز جو اڌ رات کي، وکر وهائين

سات نباهيو نين، ثابت انهيءَ سير مان.

’موتين‘ مان مراد معرفت جا راز آهن:

موتي معرفت جا سچا سوديائون

موتين سان گڏ شاه صاحب ماڻڪن ۽ لالن جو به ذڪر ڪيو آهي:

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال

سٽين سپجن سمونڊ ۾ ماڻڪ موتي لال

جي ماسو مليئي مال، ته پچارا پُر ٿئين!

هن بيت مان صاف ظاهر آهي ته ’سيوا‘ مان مراد ’رياضت‘،

’سمونڊ‘ مان مراد ’ملڪوت‘ ۽ ’پچاري‘ مان مراد ’سالڪ‘ آهي.

اِهي سالڪ جڏهن مراقبو ڪن ٿا تڏهن پنهنجي روح جي سمنڊ

۾ غوطا هڻن ٿا ۽ اتان عرفان جا جواهر، ماڻڪ، موتي ۽ لالون

آڻين ٿا جيڪي املهه آهن!

ويا جي عميق ڏي، مٿهن ڪانئو ڏيئي

تن سوجهي سپون ڪيون، پاتاران پيهي

پسندا سيئي، املُ اکڙين سين.

---

ايءَ ڳت غواصن، جڻ سمنڊ سوجهيائون
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون، هيڙا لال هٿن سين.

هن سُر ۾ ’ٻيڙي‘ يا ’جهاز‘ مان مراد انسان جو پنهنجو وجود يا شخصيت آهي، جنهن لاءِ هيءُ بدن ٻنهي پوشاڪ آهي. مرڻ کان پوءِ به اِهو وجود موجود هوندو، جنهن کي عالم ارواح طيءِ ڪرڻو پوندو. مرڻ کان اڳ به اِهو عالم رياضت ۽ طريقت سان طيءِ ڪري سگهبو.

ساري رات سڄاڻ، سودو ڪن صاحبن سين
ٻانهپ ڀري ٻيڙيون، هليا جوپ جران
پاڻي پهلوان، لحظي منجهه لنگهي ويا.

جيڪڏهن هن جهان ۾ ملڪوت جو سمونڊ اُڪري پار نه پئبو ته مرڻ کان پوءِ انهيءَ سمونڊ جي ويرن وهڪرن، لهرن ۽ لوڏن مان لنگهڻو پوندو؛ پوءِ جي سٺن عملن جو ثمر ساڻ هوندو ته سلامتيءَ سان انهن مان اُڪري پار ’عدن‘ وڃي پهچبو:
ناکئو نگهبان، معلمَ مُنجي خبرون
جن ساري ڪنيو سمونڊ تي سفر جو سامان
لطف ساڻ، لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان
سنياري سبحان، وڃي عادنئون اُڪتا.

شاه صاحب پنهنجي رسالي ۾ جتي جتي پاڻيءَ وارن هنڌن جو ذڪر ڪيو آهي اُتي ان مان مراد ’ملڪوت‘ يعني روحاني جهان آهي. سُر سريراڳ، سُر ساموندي ۽ سُر گهاتو ۾ ’سمونڊ‘ مان مراد عالم ارواح آهي؛ سُر سهڻي جي ’درياءَ‘ مان مراد به روحاني جهان آهي؛ سُر مومل راڻي جي ’ڪاڪ‘ مان مراد به اِهو عالم آهي.
تن باغنئون بس، جي ڪاڪ ڪنڌيءَ ڪوريا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحاني دنيا جي هُنَ پار بهشت جا باغ آهن؛ عاشق انهن جي بہ تمنا نٿو رکي. سرُ ڪارايل ۾ سرُ ڏهر جي 'سَرَ' (ڍنڍ) مان مراد انسان جو پنهنجو 'ملڪوت' آهي. پاڻيءَ کي روحانيت سان انهيءَ ڪري تمثيل ڏني ويئي آهي، جو جيئن زنده شين جو جياپو پاڻيءَ سان آهي، تيئن جسماني شين جي موجودگي، سندن ملڪوت سببان آهي. "مَلَڪوتُ ڪُلِّ شَيءٍ" واري آيت ۾ ان حقيقت جو ثبوت آهي.

---




صاحب خان "سورھ" ميراڻي

Cell No: 0344 - 3919786

Cell No: 0300 - 3404488

ايڊمن : فيس بوڪ پيج ۽

واٽس ايپ گروپ

Soorih Sindhi Adab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر سريراڳ

## داستان پهريون

(1)

مانَ پڇنديئي سپرين چيتان لاهه مَ چُرُ،
اُنين جا اَمُرَ، ڪَنُ، ته خالي مَ ٿيين.

(2)

مانَ پڇنديئي سپرين، چِتان چُرَ مَ لاهه،
پِرينَ اکيان پاءِ، پَلَوُ مڱڻهار جيئن.

(3)

مانَ پڇنديئي سپرين، چيتاريج چِتُ،
دائما دُوربيءَ ۾، پسهين وِلاتنَ وِتُ،
نيهه نيڪاري نيتُ، مَلاحَ ڳنڍ مُعلِمَ سهين.

(4)

مانَ پڇنديئي سپرين، چِتَ ۾ رکج چيتُ،
سينو ڌوئي صافُ ڪر، صابڻَ سان سُپيتُ،
ساموندي سُچيتُ، تيءَ ته پُڇين پارَ ڪي.

(5)

مانَ پڇنديئي سپرين، چِتَ ۾ چيتاريج،
ڪَڏج ڪائي ڪَچَ ڪي، ڪُوڙُ مَ ڪَمائيج،
وَڻِجُ وِهائيج، سَڀُ سوداگر سچ جو.

(٦)

مانَ پَچِنِئي سپرين، چِتان لاهِيم چورُ،
ڪِدي چِنڊِ تون قلب مان، ماري ڪُوڙو ڪورُ،
هُنَ يَرِ سندو هورُ، مٿان تو مَعافُ ٿِئي.

(٧)

ڪانو ڪَمايومِ، موتي مون نه وَڏِجِيا،
سيهي جو سَيّدُ چئي، وڪر وِهايومِ،
هَهِڙو حالُ سَندومِ، توهَہ تُنهنجي اُبهان.

(٨)

ڪَچُ ڪَمايُمِ ڪُوڙُ، يِڪَمِ عهد اَللهَ جا،
پِجرو جو پاپَن جو، سو چوٽيءَ تائين چُورُ،
معلوم آهيئي مَذڪورُ، ڳُوڙها، اَنهيءَ ڳالهه جو.

(٩)

ڪُوڙُ ڪَماءِمَ ڪَچُ، آئي اورِ اَللهَ سپين،
ڪَدُ تون دغا دل مان، صاحِبَ وَٽِي سَچُ،
مَحبت سندو مَنَ ۾، ماڙِڪَ پارج مَچُ،
اِنَ پَرِ اَئي اَچُ، ته سودو ٿِيئي سَفَرو.

(١٠)

سودو جو سَفَرو، سو مون پَلَئي پاءِ،
وَسُ ويچاريءَ ناهه ڪو، تون آگا! عَرضُ اَگهاءِ؛
ريءَ همراهيءَ هاديءَ جي، مُورِ نه ٿئي ڪِي ماءِ؛
لُطفُ ساڻُ لنگهاءِ، لاهُرو لَهَرِن وچ مان.

(١١)

لُڙَ، لهريون، لَسَ، لهيٽَ، جيتي آنتَ نہ آبُ جو،
آلله! اُتِ مَ اولهين، ٻيڙا متي ٻيٽَ،
جو کو ٿئي مَ جهازَ کي، ڦرهي اڇي مَ ڦيٽَ،
لڳي کا مَ لپيٽَ، هينَ غاريبي غُراب کي.

(١٢)

سيڙهہ سنوان، لاڄُو نوان، اولا سندَنِ عاجَ،
ساٿي سفرِ هليا، پري جُنگ جهاجَ،
حاصِلُ ڪريهين حاجَ، واحِدَ! وڻجارنِ جي.

(١٣)

سيڙهہ سنوان، لاڄُو نوان، مُهاڻا سندَنِ ميرَ،
ساٿي سفرِ هليا، ٿيا سٽاوا سيرَ،
جي اچن ساڻُ اُڪيرَ، سي ٻيڙا رکهين پاڄهہ سهين.

(١٤)

منجهان پيئي مڪڙيءَ، کا جا پاڏيءَ پڪَ،
وکرُ هٽي ونڪ، ڪنهجي ڪارو ٿيو.

(١٥)

منجهان پيئي مڪڙيءَ، کا جا پاڏيءَ بُوندَ،
سيئي ڏنمِ روندَ، وکرُ جنهين وڃائيو.

(١٦)

وِهائيندڙَ وِيسرا، وکرُ ڏيرون ڏيرَ،
ڪنهين وهائي وَسُ ڪيو، وکرُ وڏيءَ وِيرَ،
ڪنهن گهمندي سيرَ، وکرُ وڪامي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

سَهسين شُڪرانا، ڪوڙيين ڀالَ ڪريم جا.
حَمدُ ڇَئج حڪيم کي، جور ھَٿيي جانا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطِنَ جا بانا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
مَتان مَردَ! وساريين، صاحِبَ جي ثَنا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
دوستُ رکي دل ۾، پڙھ لالَنَ ليسانا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
جفا ڏيئي جيءَ کي، ٿيي فِڪرَ منجھ فَنا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
تَسي تو سين توھُ ڪري، مَنَ آگو اِحسانا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
ڪِي تون دغا دل مان، پانھپَ سين پانھا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
صاحب وٺي سَچَ سين، ٿيءُ دانَھُ ديوانا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
جي تسليمَ سين تحقيقُ ھئا، سي ڪيئن آمانا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
جاڳيا جي جَبارَ لَئي، سيئي سَمانا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.
فَاذْڪُرُوْنِي اَذْڪُرْڪُمْ، ڪَھيو قرآنا،
ڪوڙيين ڀالَ ڪريمَ جا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

وَشْڪُرُوالِيءِ وَلاتَڪْفُرُونِ، ڪَڏُ تو ڪُفرانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.
سَڀِ سنواريا سُپرين، ڪُولَ تو ڪنا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.
چڱي چَئِج چاهُ سين، مَدَحَ ايءَ منا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.
تائِبَ تيو تَڪِڙا، جوشان، جُوانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.
تہ نَهين تون لطيف ڪان، آمَنَ اِيمانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

وائي

مون ۾ تون موجودُ! آءٌ آڳاهين آهيان!
آءٌ اَسُونهين آهيان!
آڪيون آڪڙينِ ڪي، سِڪيو ڪَنِ سُجودُ،
آءٌ آڳاهين آهيان!
آءٌ اَسُونهين آهيان!
تيلانهن رَسيون بُودَ ڪي، جيلانهن تيون نابُودُ،
آءٌ آڳاهين آهيان!
آءٌ اَسُونهين آهيان!
ماڙُهين جي موتَنِ جو، صاحِبَ هَٿِ سُجودُ،
آءٌ آڳاهين آهيان!
آءٌ اَسُونهين آهيان!
اِنَ دَرَ سيئي آڳهيا، جَنِ وِڃايو وُجُودُ،
آءٌ آڳاهين آهيان!
آءٌ اَسُونهين آهيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ڇهون

(۱)

جيڪي منجهه جهان ۾، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانهي،
عدل چتان آن نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

(۲)

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جيءَ، عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙيين ڪن سلام، اچئو آڳهه ان جي.

(۳)

سيوا ڪر سمنڊ جي، جر وهي تو جال،
سئين سپجن سمنڊ ۾، ماڻڪ، موتي، لال،
جي ماسو ميليئي مال، ته پوچارا پر ڏئين.

(۴)

سي پوچارا پر ٿيا، سمنڊ سيوريو جن،
آندائون عميق مان، جوتيي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، مل مهانگو ان جو.

(۵)

سيوريو جن سبحان، وير نه وڙهي تن سين،
توبهه جي تاثير سين، تري ويا طوفان،
ڏيئي توڪل تڪيو، آر لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

ساري راتِ سُڄاڻَ، سودو ڪَنِ صاحِبَ سين،
ٻانهپَ پَري ٻيڙيون، هَليا جوپَ جُوانَ،
پاڙي پَهلوانَ، لحظي منجھ لنگھي ويا.

(٧)

ٻانهپَ جو ٻيڙين ۾، وکَرُ وڌائون،
وتي معرفت جا، سچا سوديائون،
اَلتّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ، اِيءُ ڪَتِ ڪَتيائون،
اُنين جيءُ آئون برڪتَ بارُ لنگھائيان.

(٨)

جَنين سَودي، سچ جو، وکَرُ وهايو،
بَخِروا لَهُمُ البُشْرىٰ جو، اُنهين لَئي آيو،
اُنِ کي لالَنَ لنگھايو، ساندارو سَموندَ جو.

(٩)

اِيءُ ڳَتِ غَواصَنِ، جيئن سَمُنڊُ سوجھيائون،
پيھي مَنجھِ پاتارَ جي، ماڻِڪَ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون، موتي لالَ هٿَنِ سين.

(١٠)

آچارا عَميقَ جا، ڳَڏيا غَواصَنِ،
جهَريون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪُنَنِ،
سَمُنڊَ سوجھي جَنِ، آئي اَمُلَ اوليا.

(١١)

ويا جي عميقَ ڏي، مُنهن ڪائو ڏيئي،
تَنِ سِپون سوجھي ڪيديون، پاتاران پيھي،
پَسندا سيئي، اَمُلَه اَکَرِيَنِ سين.

(١٢)

آڌو ڇڪڻ ڇاڙهه، منهنجي موج نه سهي مڪڙي،
ميڙي مڻاڻ جو، بيحد ڇاڙهيم بار،
ڇوڻ چارو ناهه ڪو، بدون بيشمار،
ڪپر ڪارونيار، اُڪارئين اِحسان سين.

(١٣)

وير ۾ لاهي ونهه، مٿي آر اوڙاهه جي،
پسي پاڙي واريون، ڪيچ انديشو ايهه،
ويندو نه پسين ڏيهه، پتڻ هڻ پار مٿي؟

(١٤)

آنئي پهر اوڙاهه تي، منجهه گهڙ گهاري،
وس نه ويچاري، ته ڪا ماڳ ڏڪندي مڪڙي.

(١٥)

هڪي بانهي چيت ۾، ٻي صاحب سنواري،
ڏنگي هڻ درياهه مان، هلائي هاڪاري،
ترازو تاري، سٽڙ سيئي ڪري.

(١٦)

هڪي بانهي چيت ۾، ٻي سٿي صاحب،
ڪڍي اُونهي ڪُن مان، اِي آگي جو عجب،
اِيءُ سائينءَ جو سبب، جنهن پڏا اُڪاري پار مان.

(١٧)

هڪي بانهي چيت ۾، ٻي جا ڪري الله،
پاڻهين وجهي ڪُن ۾، پاڻهين اُڪاري اوڙاهه،
تنهن واحد کي واهه، جو سٽڙ سڀئي ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٨)

هڪڙي ٻانهي منهن ۾، ٻي جا الله ڪري،
پاڻهين وجهي ڪنهن ۾، پاڻهين ڪنڌيءَ ني،
سنجڻ سو ڏوهي، جي تن توائي مڪڙا.

(١٩)

هڪڙي ٻانهي چيت ۾، ٻي ڪري جوڙ جبار،
ڪيڏي اُونهي ڪنهن مان، اِيءُ آڳي جو آڌار،
جهاز جوهرين جو، تنهن کي پوءِ نه ڏي پتار،
ننڍا وڏا مڪڙا، سڀ پسندا پار،
جيڏانهن مُنهن مديني جو، سچي محمّد موچار،
سهاجهو ستار، سنجڻ سيڻئي ڪري.

وائي

ڪنڌي ساريان ڪانَ، يا امن امانَ!
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻلاڻي پائيان.
ڪِنڌ ڪاڻيتو ناهه ڪو، اَپر تيا عصيانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻلاڻي پائيان.
خبر ناهه قبر جي، نِسورا نسيانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻلاڻي پائيان.
والي! رَسِج وَهِلو، اَرِڪ تيا اِنسانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻلاڻي پائيان.
سُڻ سهاجها سپرين! نغمرو، نِگهبانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻلاڻي پائيان.
مديون پسي منهنجيون، شرمايا شيطانَ،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻلاڻي پائيان.

# داستان ٽيون

(١)

پرڙ ي پرڀاتي، وڪر پاءِ ۾ ورترو،
تري ۾ تن پيا، پاسنئون پاٽي،
هيءَ، هنڌ وڃائي، ڪڙهن ڪالهوڻي ڏينهن کي.

(٢)

تري تن پياس، پاسنئون پاٽي وهي،
ڪئوهه جهڙ جهڙ تبو، لاچو سڀ لڙياس،
جيلان سڌر سڪاٽياس، وهي تي وهه سامهون.

(٣)

ويئو تن تنيينس، مڪ ڏيهاڻي مڪڙي،
سنباهي سيد چئي، متي نيڊوءَ نيينس،
وتائي و ڏاندرا، لاچو لڳائيينس،
آخر اهيرائيينس، ته جو ڪو ٿئي نه جهاز کي.

(٤)

تن تنيندو آءُ، مڪ ڏيهاڻي مڪڙي،
سانباهي سموند جي، متان مور ۾ لاهه،
اج ڪ سنجهي صباح، اهيرنديءَ آتانگ تڙين.

(٥)

تانگهي ۾ تاڻي، بند پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آئي، ڪونه ڏينديءَ ڪو پيو.

(٦)

وڪر سو وڃاءِ، جو پئي پرڀاتون نه ٿئي،
وپچيندي ولات ۾، ذرو ٿئي نه ضاءِ،
سا ڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهن جي ابهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

وني وجھہ وکر جا، ڏنگيءَ ۾ داڻا،
وير وڙھنديئي ويسرا، وِھ ۾ ويڳاڻا!
ھيءَ نند، نہ ڄاڻان، ڪڏھن ھنديئي تار ۾.

(٨)

وڻجارا، ويٺي، تو نہ سرندي شاہ ري،
ڪِڪ پنھنجي مڪڙي، چڱي ڪر چيتي،
پاسا پاڪڙين جا، سمنڊ تو سيکي،
جي لنبا ۾ ليکي، وير وڙھندي تن سين.

(٩)

وھہ تيڪ وھڪرا، جيت ننگر نہ ٺھرن،
وڏاندريون وھہ سامھيون، جڄھي زور جنبن،
نيڊوءَ ۾ ناتاريون، وڻجارا وجھن،
ملا معلمن، مون ڳري سئي ڳالھڙي.

(١٠)

جتو وانءَ، جھاز، ڳڏيو غرابن سين،
پوريندي ھن پار ڏي، سڌر ڪنڄ ساز،
آچن تا آواز، سڻائي سمونڊ جا.

(١١)

ڪوھا ڪالھہ ڪٽي، ان وڏا اتر آسري،
آلا! جھري ۾ ان جي، اولھي جي آئي،
وڻجارن وڏي، وکر وڌو پيڙيھين.

(١٢)

پيڙي تنھنجي پاجھہ، وکر تنھن وصال جو،
ڪوھا، اولا، تو ڪيا، سپ سونھارا ساج،
آت ڪا معلمن حاج، جيت پورن وارو پاڻيھين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١)

جرَ ۾ ڦوٽو جيئن، لهريون لڳندي آڏِ ٿيئي،
تون پڻ آهين تيئن، دُنيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

وائي

ساٿيَنِ نندا بارَ، ووا تَنِ پاندِيَنِ نندا بارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
پاتا پاڙي واريين، پڳها منجهه پاتارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
پتَڻُ تو پُورُ ڪري، آئي تُهجڙي وارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
سچيون راتيون سُمهين، ڪيو منجهه خُمارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
ڪِ تو ڪَنين نه سُئي، هلَڻَ جي هاڪارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
تائبَ تيو تڪڙا، سچي اِيءَ سنپارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
ننڊَ نه ڪجهي ايتري، سڄي، آدا يارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
سائينءَ مُڪُٽي سچ ڪي، تون ڪوڙو منجهه قطارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
ڪِ تو ڪَنين نه سُئي، ڪَڇَرَ جي ڪُوڪارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.
گهيڙان تيي ريءَ گهڙي، الاهي تهارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيِنَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جو شڪُ شارڪَ جو، تنهان رَڪُ، ستارَ!
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
ڪُلُّ نَفْسٍ ذائِقَةُ الْمَوْتِ، پڙهو اِيءُ پچارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
شڪارُ تون شهبازَ جو، تون تان مَجهه شڪارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ، جت پڄندا يارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
تُرهو ڇنو تارَ ۾، آڇج تون، اوسارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
لَکَ ميڙيئي لُٽيا، هُنهين ويا هَزارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
ڏِنئي جو اللهَ کي، هُوندَ تنهين پريهين پارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
جوڻَن مٿان جنڪي، ڏُني تُنهنجي دارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
جيئنو آهِ حَديثَ ۾، آنڌي اِي آچارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
وَتيئي ڪينَ وِلهن سين، ڪنبي پَرِ قهارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
سا ڪِئن هلي تو سين، جا پڳي ڪان پتارَ؟
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
جيئڻُ جالُ نه نِبهي، سمُجهِ، اِيءُ سنيارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.
جيمَ وساريين ويسَرا، پٽين جي پلڪارَ،
توکي آرَسُ آکَڙيُنِ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان چوٿون

(١)

مون ٿي چيئي ڪاند، پٽيي پاڙ م مڪڙي،
سڙهه پُراڻا پاند، لهريون سهي لڳنديون.

(٢)

اَڳهين اُتومانءَ، ته مڪ پنهنجي مڪڙي،
پورا شڪ م پانءِ، لهريون سهي لڳنديون.

(٣)

اَچي سو ڏنوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪنن سهين،
سٿي لوڪ، لطيف چئي، يادِ نه ذرو ڪيئوءِ،
غافل تي غُراب ڪي، اوڙاه تي آندوءِ،
سو چيتر چُوهي ڪان رکين، جو پيو پُراڻو پوءِ،
جهاز ضعيفن جو، پاڻيءَ ۾ پرتوءِ،
سيّد! سات سندوءِ، پر بندر پهچائيين.

(٤)

پاڻ پُراڻو چاڙ هو، وڪر وڏجارا،
اَچي لهريون لڳيون، پيڙيءَ پيارا،
جاڳو جهي يارا، نه تڙ تواني نه ڏيئي.

(٥)

لهرين ليکو ناهي ڪو، جت ڪپر ڪُن ڪارا،
آچارا عميق جا، اَچن اوپارا،
اُتي آسارا، وير وڙهنديئي ويسرا.

(٦)

وير وڙهنديئي ويسرا، اُتي توهه طلب،
سائر ڪنهن سبب، ڪالهه نه وڌئي ڪُن ۾.

(٧)

ڪالهه وڏائين ڪَنَ ۾، جاڏا جُنگ جهازَ،
تُنهنجي اَڄُ تَرازَ، آهي آرَ آڪِين ۾.

(٨)

آهي آرَ آڪِينَ ۾، ناڪَئا ڪِجِ نگاهه،
وڏا ٻيڙا ٻوڙيا، سائِرَ ڏيئي ساهه،
مَلاحِظو مَلاحَ، ڪِجِ ڪو اِنهيءَ ڪَنَ جو.

(٩)

دَنگِي وچ درياهَ، ڪِي ٻَڏي ڪِي اُڀِڙي،
هو جي واڍِي واڻِيا، سي سُونهَنَ سَڀِ سَڙيا،
مُعَلِّمِ ماڳِ نه آگِيِين، ڦِلنگِي مَنجهِه ڦَريا،
مَلاحَ، تُنهنجيءَ مَڪُڙي، اَچِي چورَ چَڙهيا،
جيتي ڍِينگَ ڍَريا، تيتي تاري تُنهنجِي.

(١٠)

ٻيڙِياتا ٻيٺِي، تو نه ڦَٻنديون ڳالهڙيون،
سَڄيون راتيون سُمهين، ڀَرَ سُڪاڻُ ڏيئِي،
صُبَاحَ سَپيئي، پارِ پُڄَندَءِ خَبَرون.

(١١)

بَندَرَ جان ٻيئي، ته سُکاڻيا ۾َ سُمهو،
ڪَهِڙو تو ڪَنَ ڪَرِي، جِئن ماڻهِي مَنجهه مَهِي،
ايڏو سُورُ سَهِي، ننڊ نه ڪِجي، ناڪئا.

(١٢)

سَندي مُعَلِّمِ آسَرِي، سُتا سَڀِ ٻيئِي،
آئِين پڻِ سُمهو ناڪَئا، بَندَرِ ناهِ ٻيئِي،
جَنِ جِي لائِقَ لَڄَ رَکِي، سي سَڀِ لَنگهِيندا لَڪِيون.

(١٣)

اوريائين آئين، ميڙيو مُعلم خبرون،
سا تان سڌ نه ڏين، جتي وهه ويڌ ڪري.

(١٤)

ناکئو نگهبان، مُعلم منجهي خبرون،
جن ساري ڪنيو سمونڊ تي، سفر جو سامان،
لُطف سان لطيف چئي، تن لنگهيو طوفان،
سنڀاري سبحان، وڃي عادتئون اُڪَتا.

(١٥)

مُلاحظو ميهراڻ جو، مُور م لاهه مَتاءُ،
سامونڊي سنڀال ڪيي، سُمهڻ آئيي ساءُ،
جاڳيي جر متاءُ، تاري واڻءُ تراز ڪي.

(١٦)

تاري واڻءُ تراز ڪي منجهان موج ملاح،
دانهون ڪن درياهه جيئون، اُونهي جا آڳاهه،
سونهن جي صلاح، وٺ نه وير لنگهيي وڃين.

(١٧)

سونهان سڌيون ڏين، هين ديوانيي درياهه جيئون،
ڪوڙ اوڏائيي ڪين ڪيي، رکو سچ سودين،
عجيز جو آڌ رات کي، وڪر وهائين،
ساٿ نماهيو نين، ثابت اُنهين سير مان.

(١٨)

تون ويسرو وير، ساٿين سنبت پند جي،
جوڙي جنگ جهاز کي، ڪوڙ هٽائيج ڪير،
وهيي وڻجارن جي، بندر ڏانهن بهير،
گهر تمين جي ڪير، جن لاڳيدار لنگهائيا.

(١٩)

قَرِقُلَ، قُوتا، پارچا، پاٽيَتَ پاتائون،
ڪونيُون قيمتَ سنديون، تَرَ م تاڪيائون،
لاڄُنِ مَنجهه، لطيفُ چئي، پيڙا پَڌائون،
نذَرُ نَبيءَ چامَ جو، ڇِڙهندي ڇپائون،
جي ڇُهي ڇوڙيائون، سي پيڙيون رکين پاڄهه سين.

(٢٠)

وچينءَ جان ويهي، جِرِ پَلَئُو پائيان،
”تَڙِ پيڙا، گهَرِ سُپرين“، اوسَهِ اِيءَ پئي،
جيئن وَڏجارو سين وکَرين، سَرها سپيئي،
پاٺهي اُوءَ پيهي، ڪَندَ ڪيڙائو آئيا.

وائي

عُمرِ سَپِ عَبَثُ، وِيلَ وڃايَمِ، وقت وڃايَمِ پانهنجا.
وِيني لِکيو لوڙيان، جهڪين ڪيئَڙو مَسُ،
وِيلَ وڃايَمِ پانهنجا.
آچي آيا ڳَيَنِ ڪي رَسِجِ، آچي رَسُ،
وِيلَ وڃايَمِ پانهنجا.
حالُ منهنجو هيهَڙو جيهَڙو، تان تون پِريَمِ پَسُ،
ويلَ وڃايَمِ پانهنجا.
قَلبُ جو ڪارو ٿيو، ڪاتِبَ لاهِيين ڪَسُ،
وِيلَ وڃايَمِ پانهنجا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پنجون

(١)

سَپيئي سَئين ۽ ڪَرين، ڪوم مُنجهايين واٽ،
سَهڪي ڪِجِ سَچا ڏَڏي، سُجهي جا صِراط،
سُپهريان جي ساٿ، لائو لڳو ميڙيين.

(٢)

سَپيئي سُبحان جي، ڪَر حَوالي ڪَمَ،
تيءَ تحقيقُ تَسليمَ ۾، لاهي غَمَ وَهَمَ،
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصُلُ ڪَري خاجَ تو.

(٣)

چڱن ساڻُ چڱائيون، اِئن سَپُڪو هوءِ،
تو جِئن ڪَري نه ڪوءِ، ٻَچَنِ ساڻُ ڀَلائيون.

(٤)

چڱا ڪَن چڱائيون، مَٺائيون مَٺَنِ،
جو وَڙُ جُڙي جَنِ سين، سو وَڙُ سيئي ڪَنِ.

(٥)

مَيَنِ مَٺي سَمَرا، ڪُهيَنِ سَڏَ ڪَرينِ،
ساٿُ نِباهيو نِينِ، اِيءَ پَرِ سَندي سَڄَڻين.

(٦)

وِتُ ويهي جو جي لَهين، تہ ٻِي ڪارِ نہ ڪَريين ڪا،
سا پَروُڙج ڳالهڙي، وڻجارن وَٽا،
موتي جَنِ هَٽا، آندَڏي گهٽي آدب سين.

(٧)

اَمُلهہ آهِ مَ اَنِ ڪي، جَهي نہ پَروڙن مَٽِ،
جيتِ ڳَڏجيئي جَوهَري، ماڻڪُ تِتهين مَٽِ،
جَنين سونَ سِپين سَٽِ، تَنِ هَٽِي رَهيُ رَدِ ڪيو.

(٨)

سونا! وانءُ صَرافَ سيڻءَ، لَڏو لاهيہ مَ، لَڏِ،
سودو سوئي چَڙَ، جِنهن ۾ جواهِرُ ناهہ ڪو.

(٩)

سونا! وانءُ صَرافَ سيڻءَ، لَڏو هَڏِ مَ لاهہ،
آهي تَنِ اُونداهہ، جَنِ جَواهِرِ ضايع ڪيا.

(١٠)

جو صَرافَنِ لَڏيو، تہ تون پُڻِ لَڏجِ، سونَ!
قَدُرُ لهندءُ ڪونَ، نيئي ڳَڏيندَئي ڳَڏوءَ سِپين.

(١١)

وَڃَنِ مَ وينجهارَ، پاڙيٿَ جَهي پَرڪَٽا،
ڪَنيرَ پايو آڪيپن، لَهَنِ سَپِڪَنهن سارَ،
موتيءَ جَهي مزاجَ جو، قَدرُ مَنجهہ ڪينارَ،
صَرافَنيئون ڏارَ، ماڻِڪَ مَلاحِظو ٿيئي!

(١٢)

جَهي نہ سُجاڻَنِ سَچَ ڪي، وَهُہ مَ تَنين وَٽِ،
اَمُلهہ ڪي آڏَ ڪَري، پاٿا هَٽَندا پَٽِ،
وَڃي مُهرَ تَنين وَٽِ مَٽِ، جَهي پارکُو پارسَ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤)

آگهيو ڪاٿو ڪَچُ، ماڻڪَنِ موٽُ ٿي!
پَلَوَ پايو سَچُ، آچيندي لَچُ مَران!

(١٥)

ويا سي وڻجهارَ! هيرو لَعْلُ وِندين جي،
تَنهين سَندا پوئيان، سِپهي لَهنِ نه سارَ،
ڪُٿيين ڪَٿَ لُهارَ، هاڻي اُنهين پيٽيين.

(١٦)

ٿا صَرافَ سُڄَنِ، پاڻُ ڪوناڻين جوهري،
ماڻڪُ ڪَري مُٺِ ۾، وانءُ وِٺي وَٿِ تَنِ،
سَندُسِ ٿي سَيدُ چئي، ڪَهڙو قَدرُ ڪَنِ،
پاڻيٺ ٿي پَرکينِ، ڪِ ڪَئنچلُ گَڏِنِ ڪَچَ سين؟

(١٧)

اَملُ، آساري پِئي، پوري! پکڻي جِتِ،
ڪَه نه رُنِئي تِتِ، بَئي اَدَ هَٿِ ڪَري.

(١٨)

اَملُ، آساري پِئي، پوري! پکڻي جيئن،
وانءُ صَرافَنِ سيئن، بَئي اَدَ هَٿ ڪَري.

(١٩)

اَملُ، آساري پِئي، پوري پکڻي جانَ،
بَئي اَدَ هَٿِ ڪَري، سِري صَرافَنِ وانءُ،
تِه سو تنهين تان، سچو ڪَرايين سيکهَ ۾.

(٢٠)

